# سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ

## (قديم دور کان سمن جي حڪومت جي آخر تائين)


مصنف

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

صدر شعبهٔ تعليم، سنڌ يونيورسٽي

حيدرآباد



حيدرآباد سنڌ

پاڪستان

١٩٦٢ع

دفعو پهريون مصنف جا حق واسطا قائم تعداد ۲ هزار

SHIITE HASAN RESEARCH & REFERENCE LIBRARY
Call No. ..........
KARACHI

قيمت: ۲۵-۲

ملڻ جو هنڌ
ممتاز مرزا،
ٽنڊو آغا، حيدرآباد سنڌ.

هيءُ ڪتاب پايونير پريس، حيدرآباد سنڌ ۾ ڇپيو ۽
ممتاز مرزا ڇپائي پڌرو ڪيو.

# مهاڳ

’سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ‘ جي عنوان سان هڪ مضمون پهريون ڀيرو ڏهين سنڌي ادبي ڪانفرنس (لاڙڪاڻو، ٢٢-٢٣ آڪٽوبر ١٩٥٠ع) ۾ پڙهيو ويو، جنهن جو متن (حاشين ڪان سواءِ) ٻوءِ ڪانفرنس جي ڪارروائي ”تحفه لاڙڪاڻ“ ۾ ڇپيو. ان ساڳئي متن کي ذرا سوڌي سنواري ۽ پويان سومرن جي دور بابت قدري نئين مواد جو اضافو ڪري، تفصيلي حاشين ۽ حوالن سان سنڌي ادبي بورڊ جي رسالي ’مهراڻ‘ کي اشاعت لاءِ ڏنو ويو، ۽ ان رسالي جي ’جلد ١- سال ١٩٥٩ع‘ ۾ شايع ٿيو. ان بعد ڪن سڄڻن زور ڀريو ته ’سنڌي ٻولي جي تاريخ‘ تي تفصيل سان روشني وڌي وڃي، ۽ هن مضمون کان اڳتي قدم وڌائي ان بابت هڪ مستقل ڪتاب لکيو وڃي. مگر جيئن ته هي مسئلو گهري علمي تحقيق جو محتاج آهي ۽ ان بابت وڌي ويچار جي ضرورت آهي، جنهن لاءِ متعدد مشغولين سببان پورو وقت ۽ فراغت ميسر نه آهن، انهيءَ ڪري في الحال سنڌي ٻولي جي تاريخي مطالعي کي سمن جي دور جي توڙ تائين پهچايو ويو آهي، ۽ جيڪڏهن حياتي وفا ڪئي ته باقي باب پورا ڪري، هن مطالعي کي موجوده دور تائين مڪمل ڪيو ويندو.

سنڌي ٻوليءَ بابت تاريخي تحقيق اڄ ڏينهن تائين ڪنهن تسلي بخش پايي تي نه پهتي آهي. ان تحقيق جا ڪم از ڪم ٻه مکيه پهلو آهن: پهريون، ’سنڌي ٻوليءَ جي تاريخي ارتقاء جو جائزو‘، ۽ ٻيو، ’ٻوليءَ جي اندروني ساخت ۽ بناء (صرف نحو، صوتيات، لغت ۽ محاورن) جو مطالعو‘. پهرئين پهلو جي جانچ ۽ جستجو هن وقت تائين بالڪل ابتدائي مرحلي تي بيٺل آهي، بلڪ ائين چئجي ته هن پهلو تي علمي تحقيق حقيقي معنيٰ ۾ شروع ئي ڪانه ٿي آهي. البت ڪن

يوروپي عالمن سنڌي ٻوليءَ جي بنياد بابت ڪي نظريا پيش ڪيا آهن، جن ڪي هن وقت تائين سنڌي عالمن، پنهنجن ڪتابن ۾ سند طور پئي؛ پيش ڪيو آهي. ڀيرومل جو ”سنڌي ٻولي جي تاريخ“ انهيءَ عنوان تي ڀرپور ڪتاب آهي، جنهن ۾ انهن نظرين کي سنڌي ترجمي جي صورت ۾ ورجايو ويو آهي. شمس العلماء ڊاڪٽر دائود پوٽي، مولوي دين محمد ’وفائي‘ ۽ ٻين صاحبن سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ تي مضمون لکيا آهن، جن ۾ پڻ اڳين نظرين جي اُپٽار ٿيل آهي. ٻئي پهلو، يعني ٻوليءَ جي اندروني ساخت ۽ سٽاء بابت البت ڪافي ڪجهه لکيو ويو آهي. يوروپي عالمن مان واٿن (Wathen)، سٽيڪ (Stack)، ايسٽوڪ (Estvick)، ليچ (Leech)، برٽن (Burton)، ٽرمپ (Trumpp)، گولڊسمڊ (Goldsmid)، گريئرسن (Grierson) ۽ ٻين، پنهنجن مضمونن ۽ تصنيفن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي سٽاء ۽ صرف نحو بابت مفيد معلومات مهيا ڪيا آهن. سنڌي اديبن مان خاص طرح آخوند عبدالرحيم ’وفا‘، مرزا قليچ بيگ، ڀيرومل، ۽ حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، سنڌي صرف نحو ۽ لغت بابت پنهنجن ڪتابن ۽ مضمونن ذريعي قابل قدر مواد مهيا ڪيو آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ جي سلسلي ۾، جيتوڻيڪ ڪن فاضلن آڳاٽي دور ۾ ٻوليءَ جي ابتداء بابت قدري ڪجهه لکيو آهي ۽ پنهنجا رايا پيش ڪيا آهن، مگر ان بعد پوين دورن جي سلسليوار تاريخ بابت ڪا خاص تحقيق ڪانه ڪئي آهي. هن ڪتابڙي ۾ قديم دور کان وٺي سنڌي ٻوليءَ جي سلسليوار تاريخ مرتب ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، ۽ سردست انهيءَ سلسلي کي علمي تحقيق جي روشني ۾، دليلن ۽ حوالن سان ’سمن جي دور‘ جي آخر تائين پهچايو ويو آهي.

باب پهرئين ۾، ٥٠٠٠ ع کان اڳ واري قديم دور جي تاريخي آهڃاڻن ۽ آثارن ۽ هند-آريائي ٻولين بابت ٿيل تحقيق جي بناء تي هڪ نئون تحقيقي نظريو نروار ڪيو ويو آهي:

بيت عالمن ۽ اديبن جي آڏو پيش رهيا آهن. اسان پنهنجي موجوده تحقيق جي بناء تي، پهريائين سمن جي دور جي ٻولي ۽ ادب جي روايتي ذخيري ۽ ان بعد تاريخي سرمايي کي سلسليوار پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، انهيءَ لاءِ ته ان دور جي ٻوليءَ جي مطالعي لاءِ جيڪو روايتي توڙي تاريخي مواد موجود آهي، سو پوري تحقيق سان پڙهندڙن جي آڏو اچي وڃي. انهيءَ لاءِ اسان ان دور جي ٻوليءَ جي نمونن ۽ نشانن - جي 'ڳاهن'، 'ٻهاڪن'، 'مصراعن' يا 'بيتن' جي صورت ۾ موجود آهن - توڙي انهن جي نروار ڪندڙ دانائن، درويشن، ۽ شاعرن جي سلسلي ۽ سوانح تي تحقيقي بحث ڪيو آهي، تان ته سمن جي دور جي ٻوليءَ جا مڙيئي معلوم نشان ۽ آثار، تاريخ جي روشنيءَ ۾ پوريءَ طرح نروار ٿين ۽ ايندڙ محقق انهن آثارن جي تاريخي وجود ۽ اهميت کان مطمئن ٿي، سڄو توجهه انهن جي هيئت ۽ سٽاءَ کي سمجهڻ طرف ڪن.

حقيقت ۾ 'ٻولي جي تاريخ'، ملڪ جي سياسي ۽ سماجي تاريخ توڙي ٻوليءَ جي علم ادب جي تاريخ کان هڪ الڳ مضمون آهي، مگر ملڪ جي سياسي ۽ سماجي پس منظر ۽ ٻوليءَ جي ادبي سرمايي کي سمجهڻ کان سواءِ، ٻوليءَ جي اوسر ۽ ارتقاء جي تاريخ لکڻ مشڪل آهي. جيئن ته سنڌ جي آڳاٽي سياسي ۽ سماجي تاريخ - خصوصاً قديم دور کان وٺي سمن جي دور تائين - اڃان پوري تحقيق سان ڪانه لکي ويئي آهي، انهيءَ ڪري انهن اوائلي دورن ۾ سنڌي ٻولي جي تاريخي حيثيت کي سمجهڻ لاءِ، ملڪ جي تاريخي پس منظر توڙي سنڌي ساهت جي ابتدائي اهڃاڻن تي پڻ نئين سر تحقيق ڪري، ٻوليءَ جي اوسر ۽ ارتقاء بابت نوان نظريا قائم ڪيا ويا آهن.

هن ڪتاب ۾ جن ڇهن تاريخي دورن بابت بحث ڪيو ويو آهي، سي سنڌ جي تاريخ توڙي ٻوليءَ جا آڳاٽا دور آهن

جن جو تحقيقي جائزو ورتي، انهن بابت علمي نظريا قائم ڪرڻ ۽ صحيح نتيجا ڪڍڻ هڪ مشڪل مسئلو هو، جنهن کي قدري حل ڪيو ويو آهي، ۽ سنڌي ٻوليءَ جي تاريخي مطالعي بابت آئينده محققن لاءِ راه روشن ڪئي وئي آهي. سمن جي دور ڪان پوءِ، مغلن جي دور ڪان وٺي موجوده دور تائين ڪافي تاريخي توڙي ادبي سرمايو موجود آهي، جنهن جي روشنيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي انهن پوين دورن جي تاريخ نسبتاً آساني سان مرتب ڪري سگهجي ٿي.

هر ڪم مداءِ تي نبرندو آهي، مگر هيءُ ڪتاب ايترو جلد پورو نه ٿي سگهي ها، جيڪڏهن محترم ممتاز مرزا وقت بوقت ان جي لکي پوري ڪرڻ جي تاڪيد نه ڪري ها. هن صاحب نهايت سهڻي سليقي سان هنن بابن جي مسودن کي لکي صاف ڪيو، ۽ پروفن پڙهڻ توڙي ڪتاب جي سهڻي ڇپائي ۽ اشاعت جو بار پنهنجي ذمي ڪيو. محترم شيخ محمد اسمٰعيل ڇپائيءَ وقت، بابن ۽ عنوانن جي سهڻي سٽاءَ بيهارڻ ۽ آخري طور پروفن پڙهڻ ۾ وڏي مدد ڪئي؛ ۽ پايونير پريس جي مئنيجر ۽ عملي هن ڪتاب جي ڳوڙهي متن ۽ مشڪل حاشين کي صحيح نموني ۾ ڇاپڻ ۾ وڏي مدد ڪئي. محترم ع. ق. شيخ ۽ علي اڪبر سرورق جي تصوير تيار ڪئي. ڪتاب جا بلاڪ محترم اعجاز محمد صديقي، مئنيجر سنڌ يونيورسٽي پريس جي نظرداري هيٺ ڇپيا. بنده مٿين مڙني صاحبن جو شڪرگذار آهي.

سنڌ يونيورسٽي،
حيدرآباد سنڌ.
١٦- نومبر ١٩٦٢ع

خادم العلم
نبي بخش

# عنوانن جي فهرست


باب پهريون: قديم دور ۾ سنڌ جي ٻولي ۽ ٻوليون (١-١٩)

(٦٠٠ ق.م - ٥٠٠ ب.م)

سنڌ جي اوائلي ٻولي ۽ سنسڪرت .... ١

سنڌ جي ٻولي ۽ پالي پراڪرت .... ٦

ٻين حڪمران قومن جي ٻولين جو اثر .... ١٠

ٻولين جو عرصيوار خاڪو .... ١١

سنسڪرت، پراڪرت ۽ اپڀرنش .... ١٣

اپڀرنش ۽ سنڌي جو تعلق .... ١٥

اپڀرنش جي لغوي ۽ تاريخي حيثيت .... ١٨

نتيجا .... .... ١٨

باب ٻيو: سنڌي ٻوليءَ جي سڃاڻ وارو بنيادي دور (٢٠-٥٠)

(٥٠٠ع - ١٠٥٠ع)

راءِ ۽ برهمڻ گهراڻن جي دور ۾ ٻوليءَ جي سڃاڻ ۽ صورت .... ٢٠

عربن جي دور حڪومت ۾ ٻوليءَ جي بنيادي تشڪيل ۽ ترقي .... ٢٣

ٻوليءَ ۾ مرڪزيت .... .... ٢٣

ٻوليءَ جي نفسياتي ڪيفيت .... ٢٤

ٻوليءَ جي تمدن ۾ واڌارو .... ٢٦

الف-بي جي سڃاڻ، ۽ صرف نحو تي اثر .... ٣١

ٻوليءَ جي علم ادب جو بنياد .... ٤١

نتيجا .... .... ٤٩

## باب ٽيون: سنڌي ٻوليءَ جو تعميري دور: (٥١-٧٢)

### (سومرن جي حڪومت: ١٠٥٠ع - ١٣٥٠ع)

سنڌي ٻوليءَ جي اسرڻ لاءِ تاريخي ۽ سياسي اسباب ... ٥١
مقامي عشقيه داستانن ۽ ڪهاڻين جو بنياد .... ٥٧
سومرن جي دور جي جنگين بابت ڳاهون .... ٦١
سومرن ۽ ڪڇرن جون جنگيون .... ٦١
سومرن جي سلطان علاؤالدين جي لشڪر سان جنگ .... ٦٤
چام هالي ۽ همير سومري جي جنگ .... ٦٧
سومرن جي سخا بابت ڀٽن ۽ چارڻن جون شڪايتون .... ٦٨
نتيجا .... .... ٧٢

## باب چوٿون: معياري سنڌي ٻوليءَ جو ارتقاء ۽ سنڌي (٧٣-١٣٨)

### شعر جي تاريخي ابتدا، (سمن جي حڪومت وارو دور ١٣٥٠ع - ١٥٢٠ع)

(الف) سمن جي دور ۾ سنڌي ٻولي جي ترقي جا اسباب .... ٧٣
معياري سنڌي ٻوليءَ جو ارتقاء .... ٧٤
سنڌي ٻوليءَ جي سرحدن ۾ وسعت .... ٧٦
سنڌي ۽ ملتانيءَ جو سنٻنڌ .... ٧٨
تعليمي ۽ سرڪاري ٻولي .... ٨٣
(ب) سنڌي ٻولي ۾ ادب جو روايتي ذخيرو .... ٨٨
سمن سردارن جي سورهيائي بابت ڳاهون .... ٩٠
سمن سردارن جي سخاوت بابت ڳاهون .... ٩٢
سمن سردارن جي عشقيه داستانن بابت ڳاهون .... ٩٣
ماموين جا بيت .... .... ٩٦
(ج) سمن جي شروعاتي ۽ وچين دور ۾ سنڌي
ٻولي ۽ شعر جو تاريخي سرمايو .... ١٠١
سنڌين جو هڪ جنگي رجز يا نعرو .... ١٠١

چام تماچي لاءِ دعا يا اڪٿي جا بيت .... ١٠٢
شيخ حماد جو بيت .... .... ١٠٣
درويش نوح هوتياڻي جا دعائيه فقرا .... ١٠٥
پير صدرالدين ۽ پير ڪبيرالدين جا گنان .... ١٠٦
پير مراد شيرازي جو منظوم دعائيه فقرو .... ١١٥
حضرت عبدالجليل چوهڙ شاهه جي سماع
جي مجلسن ۾ سنڌي ڏوهيڙا .... ١١٦
(د) سمن جي آخري دور جا شاعر .... ١١٩
مخدوم احمد ڀٽي آڏو سماع جي مجلس ۾
سوناري جو بيت .... ١٢٠
اسحاق آهنگر جو بيت(؟) .... ١٢١
راڄي ستيي دل جا پڙهيل بيت(؟) .... ١٢٣
ميين سيّد علي ثاني شيرازي جو چيل بيت .... ١٢٤
قاضي قادن جا سنڌي بيت .... ١٢٥
سمن جي دور جا ٻيا ڪي بيت .... ١٣٤
نتيجا .... .... ١٣٦

# باب ٻيو

## قـديـم دور
## سنڌ جي ٻولي ۽ ٻوليون
## (٦٠٠ ورهيه قبل مسيح کان ٥٠٠ ورهيه بعد مسيح)

سهوليت خاطر، تاريخي لحاظ سان، سنڌي ٻوليءَ جي ابتداء ۽ ارتقاء کي چئن مکيه دورن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: (١) قديم دور، جنهن ۾ ڪا 'سنڌي ٻولي' يا 'سنڌ جون ٻوليون' رائج هيون، پر 'سنڌي ٻوليءَ' جي موجوده خاڪي جو اڃان نالو نشان ئي ڪونه هو؛ (٢) بنيادي دور، جنهن ۾ 'سنڌي ٻوليءَ' جي خاڪي جي تشڪيل ٿي؛ (٣) تعميري دور، جنهن ۾ سنڌي ٻولي ترقي ڪري پنهنجي لغوي ۽ ادبي منزل قائم ڪئي؛ (٤) علمي دور، جنهن ۾ عالمن، شاعرن، مورخن، مصنفن ۽ محققن جي ڪارنامن ۽ ڪوششن سان، سنڌي ٻوليءَ جو سرمايو هرلحاظ سان وڌيو ۽ ويجهيو. هن باب ۾ "قديم دور" تي قدري روشني وڌي وڃي ٿي.

### (الف) ٦٠٠ ورهيه قبل مسيح

سنڌ جي اوائلي ٻولي ۽ سنسڪرت. قديم دور اٽڪل چوٿين صدي عيسوي ۽ ان کان اڳ وارو زمانو آهي، جنهن کي "سنڌ جي ٻولي يا ٻولين وارو دور' چئي سگهجي ٿو. ان وقت سنڌ جي ٻولي يا ٻوليون ضرور هيون، مگر "سنڌي ٻولي"، جنهن جي اسان کي علمي ڄاڻ آهي، سا اڃان ناپيد هئي. هن عرصي ۾ سنڌ ديس جي ٻوليءَ يا ٻولين تي آريائي، سامي ۽ داردي ٻولين جو اثر پيو.

"آثار قديمه' مان مليل مواد ۽ معلومات جي بناء تي چئي سگهجي ٿو ته 'سنڌ جي قديم ٻولي' غالباً ڪا "سامي" زبانن جي سٽ مان هئي، جنهن تي پوءِ آريائي ٻولين جو

اثر پيو. انهن آريائي ٻولين مان هن قديم زماني ۾ ’سنڌ جي ٻوليءَ‘ تي گهٽي ۾ گهٽ اثر ايراني ۽ داردي ٻولين جو پيو، ۽ ان بعد پالي پراڪرت جي ذريعي سنسڪرت جو. اسان جي تحقيق جي لحاظ سان اهو صحيح نه آهي ته سنڌي ٻولي ڪو سنئون سڌو ”سنسڪرت“ مان نڪتي. هن غلط فهميءَ جا ٻه ٽي ڪارڻ آهن. اول ته لسانيات جا يوروپي عالم، پنهنجي ابتدائي ۽ اجنبي تربيت موجب، هن اثر هيٺ رهيا ته هندستان جون جملي ٻوليون سنسڪرت مان نڪتل آهن. انهيءَ گمان سندن هندستاني زبانن جي جانچ پڙتال تي اثر وڌو. هنن هر زبان ۾ سنسڪرت جي عڪس ڪي ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي. سنڌي ٻوليءَ جي سنسڪرت مان نڪتل لفظن جي بناء تي، هنن سنڌيءَ کي سنسڪرت مان نڪتل قرار ڏنو. سنڌي صرف-نحو جي نرالي ۽ گهڻ‌وڙهي سِٽا، جا هن ٻوليءَ کي سنسڪرت خواه ان جي پوٽين توڙي ڌيئين کان ممتاز ڪري ٿي، ۽ سنڌي ٻوليءَ کي هڪ جدا اصليت ۽ مستقل حيثيت ڏئي ٿي- توڙي ٻوليءَ جون ٻيون ’انفرادي خصوصيتون‘، تن کي انهن يوروپي محققن، مستثنات (exceptions) جو نالو ڏيئي، ٽاري ڇڏيو. ازانسواء انهن محققن جيڪي دليل دلائل سنڌيءَ جي سنسڪرت سان نسلي نسبت بابت ڏنا آهن، تن مان گهڻا ظني آهن؛ باقي جيڪي علمي آهن، سي به تنقيد جا محتاج آهن، ۽ اڃان زياده تحقيق طلب آهن. ٻيو ڪارڻ، سنڌيءَ جي سنسڪرتي نسل واري نظريي جو، ڪن هندن صاحبن جون لکيتون آهن، جن جي اڪثريت هن خيال جي وڌي تائيد ڪئي؛ مگر انهن لکيتن جي حيثيت تبليغي چئي سگهجي ٿي، ۽ نه علمي ۽ حقيقي. ٽيو ڪارڻ، سنڌيءَ جي سنسڪرتي نسل جو، هڪ عام غلط فهمي آهي، ته سنڌي ٻولي يا ته سنسڪرت مان نڪتي يا ته عربيءَ مان: جنهن صورت ۾ عربي زبان ٻاهران آئي، تنهن صورت ۾ سنڌي ٻولي ضرور سنسڪرت مان نڪتي هوندي؛ ۽ اڪثر

مسلمان صاحبن کي وري هيءُ حسن ظن آهي ته سنڌي ٻولي عربيءَ مان نڪتل آهي.

هن قديم دور جي علمي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته جنهن وقت آريائي قومون اول اول هندستان ۾ داخل ٿيون، ان وقت اسان جي هاڻوڪيءَ سنڌ جو هيٺيون ڏاکڻيون حصو (لاڙ ۽ ٿر) شايد سمنڊ هيٺ آيل هو، ۽ سنڌو درياءَ جو دو - آبو (ڊيلٽا) به هتي وچ سنڌ ڏاري هو: انهيءَ ڪري غالباً اوائلي آرين جون جيڪي بينڪون ٿيون، سي هاڻوڪي سنڌي خطي ۾ نه، بلڪ سنڌونديءَ جي مٿين ڀاڱي ۾ پنجاب واري ڪناري جي آسپاس ٿيون، ۽ درياءَ جي انهيءَ خطي کي ئي "سنڌو" نالو ڏنائون. ان بعد، اهي آريائي قومون اڳرندي طرف وڌيون. گنگا-جمنا دوآبي ۾ سندن مستقل قيام جي دور ۾ ئي سنسڪرت زبان آهستي آهستي جڙي راس ٿي. ملتان کان ڪشمير واريءَ ايراضيءَ جون اهي ئي ساڳيون اصلي ٻوليون رهيون، جي هن خطي ۾ مسلسل لڏ پلاڻ سببان پنهنجي طور ڦرنديون گهرنديون رهيون. انهيءَ لڏ پلاڻ 'ايراني - آرين' جي هندستان طرف هجرت هڪ اهم واقعو هو، جنهنڪري هتي جي ٻولين تي قديم ايراني ٻوليءَ جو به اثر پيو.

سر زمين سنڌ کي جن ماڻهن اول اول اچي آباد ڪيو، سي الهندي وارن ملڪن مان آيا، ۽ انهن سنڌو درياءَ جي الهندي ڪناري واريءَ ايراضيءَ ۾ پنهنجون بينڪون قائم ڪيون. سندن تمدن جي انتهائي ترقيءَ 'موئن جي دڙي' واري تهذيب جي صورت اختيار ڪئي. موئن جي دڙي جي آثار قديمه جي انڪشاف مان قطعي ثبوت ملي ٿو ته سنڌ جو هي قديم تمدن، مغربي 'دريائي تمدنن' يعني ته دجله ۽ فرات دريائن جي سُمير ۽ بابُلي تمدن جو ساٿياري آهي. سر جان مارشل جي تحقيق موجب، "سنڌ، سُمير ۽ بابُل جي تهذيبن جي وچ ۾ ڪافي هڪجهڙائي هئي: خصوصاً سنڌ ۽ عراق جي ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ گهاٽي اچ وڄ هئي، جا سمنڊ توڙي

سيستان ۽ ايران مان خشڪي ذريعي جاري هئي" (١). ازانسواءِ سنڌ جو هيءُ قديم تمدن هڪ قسم جو 'سامي تمدن' آهي، نه آريائي (٢)؛ انهيءَ ڪري چئي سگهجي ٿو ته قديم سنڌي تمدن جي ٻولي به ڪا 'سامي-صفت' (٣) زبان هئي؛ جا سنڌ ملڪ جي اوائلي زبان هئي. انهيءَ ٻوليءَ جا مسخ شده نشان 'موئن جي دڙي' مان لڌل مهرن تي موجود آهن. ڪن لکندڙن جي خيال مطابق، 'مڻ'، 'ڪنجهو' ۽ 'هنجهه' بابلي زبان جا الفاظ آهن؛ جيڪڏهن اهو صحيح آهي ته پوءِ غالباً اهي الفاظ سنڌيءَ ۾ هن اوائلي دور ۾ داخل ٿيا. تازي تحقيق موجب قديم عراق جي 'سُمير تمدن' جي قديم لکيتن ۾ لفظ 'ادا' بمعنيٰ پاءُ جي مليو ٿو ۽ ساڳيو لفظ، فقط سنڌي ٻوليءَ ۾ ئي اج ڏينهن تائين رائج آهي.

انهي دور واري سنڌ جي هن 'سامي-صفت' زبان جي سنبند جو امڪان هڪ طرف ايراني زبانن سان، ته ٻئي طرف 'ملتان-ڪان-ڪشمير' وارين ٻولين سان (جن تي خود ايراني زبانن جو اثر پيو) نظر اچي ٿو. ازانسواءِ هندستان جي اُتر-اولهه وارن پهاڙي لڪن مان به اتي جي داردي قومن جو ڪشمير ڪان ملتان تائين رهندڙ ماڻهن سان، اصل-آريائي قرابت توڙي مسلسل هجرت ۽ آمدرفت سببان تعلق رهيو، جنهنڪري هن سڄي اتر-اولهه خطي تي داردي ٻولين جو ٻڻ اثر پيو. انهيءَ ڪري ڪشميري، ملتاني ۽ سنڌي ٻولين جو رنگ ڍنگ ٻين هندي-آريائي ٻولين کان نرالو ٿيو، ۽ انهن

---

(١) جان مارشل: محڪمهٔ آثارقديمه هند، ساليانه رپورٽ، ٢٧-١٩٢٦ع.

(٢) "غيرآريائي تمدن" (*A Non-Aryan civilization*) - ڏسو استار رچرڊ جو ڪتاب *Indus Valley Pottery*، ڇپيل پرنسٽن يونيورسٽي، پرنسٽن آمريڪا، ١٩۴١ع.

(٣) سرياني، عبراني، حبشي ۽ عربيءَ کي علم لغات جي اصطلاح ۾ 'سامي زبانون' سڏيو ويو آهي. 'سامي-صفت' يعني انهن ٻولين جهڙي.

ٻولين ۾ هڪ بنيادي نسبت پيدا ٿي. ڏيان طلب نُڪتو هيءُ آهي ته هن قديم دور ۾، جنهن وقت گنگا - جمنا دو آبي جي اردگرد، سنسڪرت پنهنجون ابتدائي ۽ آخري منزلون طي ڪري رهي هئي، ۽ اتي جون پراڪرت زبانون ان جي زير اثر وڌي وِيجهي رهيون هيون، ان وقت 'ڪشمير کان سنڌ' واري خطي جي لساني نوعيت جداگانه هئي. اهو خطو پهريائين 'هند - ايراني'، ۽ پوءِ 'هند - آريائي'، ۽ 'داردي' زبانن جو آماجگاهه رهيو.

سنسڪرت پنهنجي ڪلاسيڪي (پراڻن واري) قالب ۾ بند ٿي چڪي هئي، ۽ ان جي زير اثر عوام جون ٻوليون پنهنجو اوائلي پراڪرتي دور ختم ڪرڻ واريون هيون. سنڌ ۾ انهيءَ ڪلاسيڪي سنسڪرت، توڙي اوائلي پراڪرت جي اثر جي نه پهچ هئي ۽ نه گنجائش؛ ڇو ته انهيءَ ساڳئي وقت سنڌ جي موئن جي دڙي واري دريائي تمدن جي 'سامي - صفت' زبان سنڌ ۾ رائج هئي. ان بعد سنڌ تي تقريباً ٦٠٠ ورهيه قبل مسيح تائين جيڪو اثر پوندو رهيو، سو ڪشمير - ملتان واري خطي مان داردي ٻولين جو، ۽ سنسڪرت جو. انهيءَ ڪري ئي بنيادي طور سنڌي ٻولي، داردي ٻولين سان قريب تر رهي*. داردي ٻولين ۾ ٻن حرف علتن جي وچ ۾ ايندڙ 'ت' متجي نٿي؛ اها 'داردي' خصوصيت اڃا تائين "سنڌو ماٿر وارين ٻولين" [سنڌي، لهندا، پنجابي (لهندا جي اثر هيٺ) ۽ ڪوهستاني] ۾ موجود آهي. انهن ٻولين ۾ 'پيتو'، 'لاتو'، 'ڪيتا'، 'سيتا' وغيره مروج آهن، حالانڪ ٻين هند - آريائي ٻولين ۾ اهي الفاظ 'پيا'،

---

* "Sindhi, on the contrary, claims a much more clear relationship to the Dardic languages (which influenced it from northern side) being protected from the East by the desert of Western Rajisthan" (Grierson: *Linguistic Survey of India, Vol.* viii ,*P-1*)

’لايا‘، ’ڪيا‘، ’سيبا‘ بنجي چڪا آهن*. سنڌ کان ڪشمير تائين ’سنڌو- ماتر وارين ٻولين‘ ۾ ’اسين‘، ’اسان‘، ’اسي‘، وغيره مشترڪ الفاظ ”آسمي“ مان نڪتل آهن، ۽ نه خاص سنسڪرت لفظ ”ويوئم“ مان (جنهن سان انگريزي لفظ we به لاڳاپيل آهي). اهو لفظ ’آسمي‘، سنسڪرت کان اڳ يا سنسڪرت واري زماني جي پراڪرت جو آهي، جنهن کي جيڪڏهن ’پروٽو- پراڪرت‘ (Proto-Prakrit) چئجي ته مناسب ٿيندو. بهرحال، اهڙا الفاظ ’سنڌو- ماتر وارين ٻولين‘ جي مشترڪ مگر سنسڪرت کان جداگانه سرچشمي جو پتو ڏين ٿا.

(ب) ٦٠٠ ورهيه قبل مسيح کان ٥٠٠ ورهيه بعد مسيح

سنڌ جي ٻولي ۽ پالي پراڪرت. آڳاٽي قديم دور بعد، اسين پوئين قديم دور (٦٠٠ ورهيه قبل مسيح کان ٥٠٠ ورهيه بعد مسيح) تي اچون ٿا. هيءُ هند جي پراڪرت ٻولين جو ٻيو دور آهي. سنڌ جي ٻوليءَ تي جنهن پراڪرت جي اثر جو امڪان نظر اچي ٿو، سا ’پالي‘ زبان هئي، جنهن جو اثرائتو دور هندستان ۾ تقريبًا ٦٠٠ ورهيه قبل مسيح کان شروع ٿئي ٿو. لڳ ڀڳ انهيءَ زماني بعد ئي سنڌ تي ٻاهران هندستان جي مذهبي خواهه سياسي اثرات جي شروعات ٿئي ٿي؛ ٻڌ ڌرم جو پرچار، توڙي جين (چندر گپت) ۽ ٻڌ حاڪمن (اشوڪ ۽ ڪنشڪ) جو سياسي اقتدار، مختلف وقتن ۾ ٿوري يا گهڻي عرصي لاءِ ان بعد شروع ٿيو؛ تنهنڪري پالي ۽ ٻين ’ٻئي دور وارين‘ پراڪرت زبانن جو اثر سنڌ جي ٻوليءَ تي ممڪن نظر اچي ٿو. مگر پراڪرت ٻولين ۽ خاص طرح پالي زبان جو اثر ڪيتري قدر سنڌ جي ٻوليءَ تي پيو هوندو، انهيءَ لاءِ تاريخ ڏانهن نظر ڪرڻ گهرجي.

پالي زبان جو عروج تقريبًا (٦٠٠ ورهيه قبل مسيح)

---

* Grierson: *Linguistic Survey of India*, *Vol. I, P, I4*

مان لڏا آهن، تن موجب سنڌ ۾ ڪوشاني سياسي اقتدار (جنهن تي ٻڌ مذهبي پرچار جو گهڻو دارومدار رهيو) جو زمانو ’ٻي صدي عيسوي‘ قرار ڏيئي سگهجي ٿو.

جيڪڏهن مهاين پنٿ جو پرچار پالي پراڪرت ۾ تسليم ڪجي، ته چئي سگهجي ٿو ته پالي پراڪرت جو اثر سنڌ جي ٻوليءَ تي اٽڪل ٻي صدي عيسويءَ کان شروع ٿيو. مگر سوال آهي ته جنهن پالي محاوري ۾ اهو پرچار ٿيو، ان جي لساني ڪيفيت ڪهڙي هئي؟ اسان مٿي بيان ڪيو آهي ته اشوڪ جي شهباز ڳڙهي-مانسهره وارين لکيتن مان معلوم ٿئي ٿو ته ٢٥٠ ورهيه قبل مسيح ڌاري، پالي پراڪرت مقامي محاورن جي قالب ۾ تبديل ٿي چڪي هئي. ان کان چار سؤ ورهيه پوءِ، پالي جي انهن مقامي محاورن ۾ ويتر وڌيڪ تبديل آئي هوندي. گويا، جڏهن پالي ٻولي خود پنهنجي آخري پراڪرتي دور مان لنگهي رهي هئي ۽ ان جا محاورا (dialects) مڪاني ٻولين سان خلط ملط ٿي پنهنجي اصليت وڃائي رهيا هئا، ان وقت جي ڪنهن ’مخلوط پالي محاوري‘ ۾ مهاين پنٿ جو پرچار سنڌ ۾ ٿيو. انهيءَ جو ثبوت، ڪنشڪ جي دور جي هڪ پالي عبارت مان ملي ٿو، جا هڪ ٽامي جي ٽالهيءَ تي اُڪريل آهي. اها ٽالهي سنڌ جي اُڀاڻين نزديڪي حدن اندر يعني ته بهاولپور کان سورنهن ميل ڏکڻ-اولهه طرف ٻڌ جي جهوني مندر ”سئي وهار“ جي کنڊرن مان هٿ آئي آهي*. ان عبارت جو سول مقصد

* ڪتبي واري اها ٽالهي اول جي. ييٽس (G. Yeates) کي فبروري ١٨٦٩ع ۾ ملي، جا پوءِ ميجر سٽبس (Stubbs) هٿ ڪري سر بيلي (Sir. E. C Bailey) ڏانهن ڪلڪتي موڪلي، جتي سنه ١٨٧٠ع ۾ ”ايشياٽڪ سوسائٽي آف بنگال“ جي ’جرنل‘ ۾ ان تي هڪ مضمون شايع ٿيا. اصل ٽالهي ٣٠ انچ چورس آهي، جنهن جو ننڍو عڪس ’ايشياٽڪ سوسائٽي آف بنگال‘ جي جرنل (جلد- ٣٩، پليٽ نمبر ٢) ۾ شايع ٿيو. اهوئي اصلي عڪس هت دوباره ڇاپيو ويو آهي. (ڏسو عڪس نمبر١).

## SUË VIHAR INSCRIPTION.




A. F. R. Hoernle    Scale 4 to 10 of original.    W. Griggs Photo-lith.

[۲] سئي وهار، مان لڌل ’ ٻختي ڀالي‘ ڪتبو، صاف صورتخطيءَ ۾ لکيل.

غالبًا هيءُ آهي تہ "دَمن وِهار" مندر جي هڪ پوڄارڻ مائي 'بال نَندِي' ۽ سندس ماءُ مائي 'بال جَيَہ' مهاراڄ ڪنشڪ جي حڪمراني جي ٻارهين سال جي 'دائسيس' مهيني جي ٢٠- تاريخ 'سُئي وِهار' مندر جي ڀڪشو گياني 'ناگدت' کي ڀيٽا ڏني. خاص غور طلب ڳالهہ هيءَ آهي تہ اها عبارت نج پالي ۾ نہ، پر ان جي "بُختي محاوري" (Bacterian Pali) ۾ لکيل، آهي. ٻن عالمن سر بيلي ۽ پروفيسر ڊائوسن، جي راءِ موجب هن ڪتبي ۾ مقدوني مهيني 'ڊائيسيس' (Daesius or Daisios) جو نالو چٽو معلوم ٿئي ٿو، جو غالباً بختي يونانين ذريعي رائج ٿيو. ڊاڪٽر هارنلي هن ڪتبي جي ٻولي کي' آريائي پالي، ڪري ڄاڻايو آهي. ٻهاولپور گزيٽيئر ۾ اڳين تحقيق جي بناءَ تي، ان کي 'بختي پالي جو ڪتبو' تسليم ڪيو ويو آهي*.

* پهريائين پروفيسر ڊائوسن (Dowson) ۽ سر بيلي (Sir. E.C. Bailey) هن عبارت کي سنہ ١٨٧٠ع ۾ پڙهيو ۽ ان جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو. پروفيسر ڊائوسن جو ترجمو ۽ ڪتبي بابت تفصيل "جرنل آف دي رائل ايشياٽڪ سوسائٽي" (جلد-٦.N.S، سنہ ١٨٧٠ع، ص ص ٤٩٧-٥٠٢) ۾ شايع ٿيو ۽ سربيلي جو ترجمو" جرنل آف ايشياٽڪ سوسائٽي آف بنگال" (جلد-٣٩، سنہ ١٨٧٠ع، ص ص ٦٥-٧٠) ۾ ڇپيو. ان بعد ڊاڪٽر هارنلي (A.F. Rudolf Harnle) اهو ڪتبو پڙهيو، جو بمبئي مان شايع ٿيندڙ "انڊين اينٽيڪئيري" (Indian Antiquary)، ماه نومبر ١٨٨١، ص ص ٣٢٤-٣٣١، ۾ پروفيسر ڊائوسن ۽ سربيلي جي پڙهڻين سان گڏ شايع ٿيو، جنهن جو عڪس هت ڇاپيو ويو آهي ٿو (ڏسو عڪس ٣). ڊاڪٽر هارنلي مهيني جو نالو "Daisika" پڙهيو آهي جو مقدوني مهينو 'Daisios' (مئي-جون) سمجهڻ گهرجي. ڊاڪٽر هارنلي جي راءِ ۾، ڪتبي ۾ ڏنل مهيني جو نالو 'مغربي پالي محاوري' جي زير اثر اصل مقدوني مهيني جي نالي مان بدليو آهي. بهاولپور گزيٽيئر ۾ هن ڪتبي کي "بختي پالي جو ڪتبو" تسليم ڪيو ويو آهي (ڏسو بهاولپور رياست جو گزيٽيئر، پنجاب جي رياستن جي گزيٽيئر سلسلي جو جلد ٦ - الف، لاهور، ١٩٠٨ع، ص ٣٨٤).

بهرحال سنڌ جي حدن اندر، پوئين پراڪرتي دور جو اهوئي ڪتبو هٿ آيو آهي، جو پالي جي ڪنهن مقامي محاوريَ ۾ آڪريل آهي. سنسڪرت جو ڪوبہ ڪتبو يا ڪابہ قديم لکيت سنڌ جي ڪنهن بہ ڀاڱي مان ايستائين دستياب نہ ٿي آهي. انهيءَ بناء تي چئي سگهجي ٿو تہ سنسڪرت جو اثر، جيڪو هن پالي محاوري جي واسطي سان سنڌي ٻوليءَ تي پيو هوندو، سو اڪثر 'دخيل لفظن' جي صورت ۾؛ ڇو تہ پاليءَ جو مخلوط پراڪرتي محاورو صرف - نحو جي لحاظ سان بذات خود سنسڪرت کان گهڻو پري هٽي چڪو هوندو. البت سنسڪرت مان مشتق (derived) الفاظ جنهن بہ صورت ۾ 'سنڌ جي ٻوليءَ' ۾ جذب ٿيا، سي سر زمين سنڌ ۾ ساڳيءَ صورت ۾ باقي رهيا، ۽ اڄ تائين باقي آهن. غالباً پاليءَ محاوري جي ذريعي سنسڪرت جا ڪافي الفاظ سنڌ جي ٻوليءَ ۾ داخل ٿيا. سنڌ ۾ ٻڌ ڌرم جو 'مهاين پنٿ' رائج هو، ۽ جيئن تہ مهاين پنٿ سنڌ ۾ ٻي صدي عيسويءَ کان وٺي ستين صديءَ جي آخر تائين جاري رهيو، انهيءَ ڪري سمجهجي ٿو تہ هن عرصي ۾ ئي سنڌ جي ٻوليءَ کي ٻڌ وارن جي پوتر زبان پالي ذريعي سنسڪرت مان مشتق لفظن جو وڏو ذخيرو مليو.

بين حڪمران قومن جي ٻولين جو اثر. پالي پراڪرت جو اثر سنڌي ٻوليءَ تي خاص طرح مذهبي پرچار رستي پيو؛ ڇو تہ ڪوشان گهراڻي جو سياسي اقتدار سنڌ تي ڪو ٿوروئي وقت رهيو. سياسي اقتدار ذريعي حڪمرانن جي ٻوليءَ جو رعيت جي ٻوليءَ تي گهڻو ڪجهہ اثر پوي ٿو. هن ساڳئي دور جي سياسي تاريخ ڏيکاري ٿي تہ پاليءَ کان وڌيڪ ايراني، يوناني، ترڪي ۽ داردي گالهائيندڙ قومن جو سنڌ تي سياسي غلبو رهيو. هيٺ انهن ٻولين جو عرصيوار خاڪو ڏجي ٿو، جن جي ڳالهائيندڙن جو سنڌ تي سياسي اثر رهيو.

## ٻولين جو عرصيوار خاڪو

| | |
|---|---|
| آڳاٽي ايراني ٻوليءَ جو اثر | ٥٢٠–٥١٥ قبل مسيح، فتح دارا<br>٥– صدي ق۰ م<br>۴– صدي ق۰ م |
| يوناني ٻوليءَ جو اثر | ٣٢٥–٣٢٦ قبل مسيح، فتح سڪندر<br>٣– صدي ق۰ م<br>٢– صدي ق۰ م<br>١٩٥–١٥٠ قبل مسيح، بلخ جي يوناني حاڪمن جي فتح |
| ترڪي ۽ داردي ٻولين جو اثر | ١٥٠–١٢٠ قبل مسيح، ساڪا ۽ سٿين جون ڪاهون<br>١– صدي ق۰ م |
| پالي پراڪرت جو اثر | ۴٠–٥٠ مسيحي، ڪوشان شاهه ڪنشڪ |
| ترڪي ۽ داردي جو اثر | ١٠٢/١٦٠–٢٠٠ م، پارٿين جون ڪاهون<br>٢– صدي م |
| پوئين ايراني ٻوليءَ جو اثر<br>ترڪي ۽ ايرانيءَ جو اثر | ساساني تسلط<br>٣– صدي م<br>۴– صدي م۰ هياطله<br>۴٧٠–۴٨٠ م، سفيد هڻ<br>٥– صدي م<br>٥٣١ م، خسرو نوشيروان |
| ملڪي ٻوليون | ٦– صدي م، راءِ گهراڻو<br>٧– صدي م، برهمڻ گهراڻو |

هاڻي سوال آهي ته هن سڄي قديم دور جي تاريخي ۽ لساني ماحول جو سنڌ جي ٻوليءَ تي ڪهڙو ۽ ڪيتري قدر اثر پيو؟

سنڌ جي قديم تمدن جي زبان غالباً سامي - صفت هئي. ان تي جي اوائلي اثرات پيا، سي خاص طرح ايراني زبان جا، ۽ بعد ۾ داردي زبانن جا؛ سنسڪرت جو اثر دير سان پالي محاوري جي واسطي سان پيو؛ مگر انهيءَ ساڳئي عرصي ۾، مغربي ۽ شمالي زبانن- جهڙوڪ ايراني، يوناني، ترڪي ۽ داردي- جو به اثر پيو. انهن اثرات جي علاوه سنڌ جي ٻوليءَ جي ذاتي اصليت خواه تاريخي حقيقت، سنسڪرت ۽ ان جي پراڪرت ٻولين کان بلڪل نياري هئي؛ انهيءَ ڪري ئي 'سنڌ جي ٻولي' ٻين پراڪرت ٻولين جي ڀيٽ ۾ هڪ نرالي نوعيت ورتي. ٻيون پراڪرت ٻوليون، جي پنهنجي ٻئي ارتقائي دور مان گذري وڏيڪ بگڙيون، انهن ٻولين کي آڳاٽن نحوين "اپڀرنش" سڏيو- يعني 'معيار کان ڪريل'. انهن نحوين جي پرک جو معيار هو 'سنسڪرت سان مناسبت'؛ مگر سنڌ جي ٻولي، جا پنهنجي اصلي سنجٽ ۽ سڻاء ۾ نرالي هئي، ۽ جنهن تي هندستاني پراڪرتن جي ڀيٽ ۾ مغربي ۽ شمالي ٻولين جا اثر زياده پيا هئا، سا انهيءَ معياري پرک موجب ته گهڻو گهڻو بگڙيل هئي؛ انهيءَ ڪري ڪن محققن جي چوڻ موجب، جنهن ٻوليءَ کي انهن نحوين "وراچڊ اپڀرنش" يعني 'گهڻو گهڻو بگڙيل' سڏيو، سا 'سنڌ جي ٻولي' هئي. حقيقت ۾ 'وراچڊ اپڀرنش' جو اطلاق به سنڌ کان گهڻو مٿي اُتر واري خطي جي ڪنهن ٻوليءَ تي هئڻ گهرجي، ۽ نه سنڌ جي ٻوليءَ تي؛ ڇاڪاڻ ته 'وراچڊ اپڀرنش' جي اصطلاح ۾ به 'سنسڪرتي مناسبت' ملحوظ آهي. سنڌ جي ٻوليءَ جو ته معيار ئي انوکو هو، انهيءَ ڪري پراڪرت وياڪرڻ جي جوڙيندڙ، 'مارڪنڊيه' جو قول ته "وراچڊ کان به سنڌ جي ٻولي گهڻو ڦريل آهي"، زياده وزندار ۽ قابل غور آهي. انهيءَ قول جي تائيد لاء هڪ اهم ثبوت موجود آهي- مثلاً 'وراچڊ اپڀرنش' ۾ 'س' جو اُچار ڦيرائي

’ش‘ ڪندا هئا، مگر سنڌ جي ٻوليءَ ۾ وري ’ش‘ جو اچار قيرائي ’س‘ ڪندا هئا. سنڌ جي ماڻهن جي اها انوکي لساني خصوصيت پوءِ به ڪافي دير تائين باقي رهي، جيئن ته ”شاعر ابو عطا سنڌي“ جي اڳيتي ڏنل مثالن مان ظاهر ٿيندو.

سنسڪرت، پراڪرت ۽ اپڀرنش. ’سنڌي ٻولي‘ جي تاريخي حيثيت کي سمجهڻ لاءِ، سنسڪرت، پراڪرت ۽ اپڀرنش جي باهمي رشتي کي پڻ صحيح معنيٰ ۾ سمجهڻ ضروري آهي: چاڪاڻ ته عموماً ائين چاتو ويو آهي ته سنڌي اپڀرنش مان نڪتي آهي، اپڀرنش پراڪرت مان ۽ پراڪرت وري سنسڪرت مان. انهيءَ سلسلي ۾ هيٺيان نتيجا، جي انهن ٻولين جي اڳاڻن معتبر ڏيهي هندو، ٻڌ ۽ جين عالمن توڙي کن پرڏيهي عالمن جي نظرين مطابق آهن، سي ڌيان ۾ رکڻ ضروري آهن: (١) کن اڳاڻن هندو عالمن جي خيال ۾ اپڀرنش ٻولي، پراڪرت مان نڪتي ۽ پراڪرت سنسڪرت مان نڪتي. هيمچندر، مارڪنڊيہ، ڏنڊِڪَ ۽ ٻين جي لکيتن مان اهوئي نتيجو نڪري ٿو. انهن عالمن هن ٻرعظيم جي کن ’ادبي ٻولين‘ کي ’پراڪرت‘ سڏيو آهي ۽ انهن جو ’بنياد‘ (پْراڪْرتَ، پْرڪرتِ = جزو، بنياد) سنسڪرت کي ڪري مڃيو آهي. مگر ٻين اڳاڻن هندو، ٻڌ توڙي جين عالمن جي راءِ هن جي برعڪس آهي ۽ پڻ موجوده علمي تحقيق هن نظريي کي هميشه لاءِ رد ڪري ڇڏيو آهي. اول ته هندو عالمن مان ’وَرَرُشِي‘ ۽ ٻين نحوين ۽ اديبن، اپڀرنش کي ’پراڪرت‘ مان نڪتل ڄاڻ، پر پراڪرت دفعي جي ٻولي ئي ڪري نه مڃيو آهي. انهن جي راءِ ۾ سنسڪرت، پراڪرت ۽ اپڀرنش ٽي جدا قسمن جون ٻوليون آهن. ’ڏَنڊِن‘ به انهن عالمن مان آهي جو چوي ٿو ته ’اڳاڻا ادبي ڪتاب چئن جدا ٻولين- سنسڪرت، پراڪرت، اپڀرنش ۽ مِشْر (گڏيل ٻوليون)- ۾ لکيل آهن.‘ هو کن ادبي ڪتابن لاءِ ڪم آيل آڀيرن جي ٻولي کي ’اپڀرنش‘ جي دفعي ۾ شمار

ڪري ٿو. اهي عالم 'شاسترش' يا 'رسالن' ۾ استعمال ٿيل جا ۽ ٻولي سنسڪرت کان نرالي آهي، ان کي 'اپڀرنش' ڪري ٿا ليڪين. 'واگڀٽ' توڙي 'رُدرَٽ' ٻئي اپڀرنش جا ٻه قسم مڃين ٿا، جن مان فقط هڪ جو بنياد 'پراڪرت' چاٿائين ٿا، پر ٻيءَ کي 'ديس ڀاشا' يا عوامي ٻولي تسليم ڪن ٿا. (٢) ٻيو ته هندو عالمن کان سواءِ ٻڌ وارن جي روايتن مطابق پڻ سنسڪرت، پراڪرت ۽ اپڀرنش جداگانه ٻوليون آهن. مثلاً اتر هندستان جي ٻڌن جي لکيل روايتن مطابق، مهاتما ٻڌ جي مرتيهي کان هڪ سؤ سورهن سال پوء، چار 'ستهوير' ٿيا جي چئن جدا ذاتين مان هئا، ۽ چار جدا ٻوليون - سنسڪرت، پراڪرت، اپڀرنش ۽ پئشاچي - ڳالهائيندا هئا. (٣) ٽيون ته 'جين وارن' جي نظرين مطابق پڻ 'پراڪرت' سنسڪرت مان نڪتل ناهي. اهو ثابت ٿي چڪو آهي ته 'اَرد ماگڌي' (جنهن کي آڳاٽن ڏيهي نحوين 'آرش' يا 'آرشم' سڏيو آهي) جنهن ۾ مهاتما جين پرچار ڪيو، سا سيني پراڪرت ٻولين ۾ نهايت مکيه ۽ اهم آهي. جين عالمن جي راءِ ۾ 'اردماگڌا' سڀ کان آڳاٽي بلڪ سيني ٻولين جو مول آهي. 'نامِسڌ' عالم، 'رُدرَٽ' جي 'ڪاويالنڪار' بابت لکندي چوي ٿو ته 'اردماگڌا' مان ئي ماڳ مڪان جي فرق ۽ نحوي ڦير گهير سان پوءِ سنسڪرت ۽ ٻيون ٻوليون نمودار ٿيون. ٻين نحوين جي لکيت مان پڻ انهيءَ راءِ جي پٺڀرائي ٿئي ٿي. خود هيمچندر چوي ٿو ته، جهين سُوترن جي ٻولي 'آرش' متعلق سندس سڀ ڏنل قاعدا مستثنات (Exceptions) جا محتاج آهن. 'تِرِوڪرم' پڻ 'آرش' کي پنهنجي گرامر کان مُستثنيٰ ڪيو، ڇاڪاڻ ته سندس ويچار موجب اها بذات خود هڪ جداگانه ٻولي آهي ۽ سنسڪرت ان جو سرچشمو ناهي. (٤) چوٿون ته موجوده علمي تحقيق پڻ انهيءَ نظريي کي هميشه لاءِ رد ڪري ڇڏيو آهي ته ڪو 'پراڪرت' يا 'پراڪرت ٻوليون' سنسڪرت مان

نڪتل آهن. پراڪرت جي مطالعي ۽ تحقيق ۾ 'پشيل' (R. Pischel) ۽ 'سينارٽ' (Senart) جو درجو مٿاهون ڪري مڃيل آهي. پشيل جي راءِ ۾ مڙني پراڪرتن جو سرچشمو آڳاٽا عام مقبول محاورا (Popular dialects) آهن ۽ پيو ته هندستان جون جملي 'نيون ٻوليون' سنسڪرت مان نڪتل نه آهن(١).

اپڀرنش ۽ سنڌي جو تعلق. سنڌي ٻوليءَ جي تاريخي ۽ خصوصي حيثيت کي سمجهڻ لاءِ 'اپڀرنش' ۽ سنڌي جي لاڳاپي واري نظريي کي صحيح طور سمجهڻ پڻ ضروري آهي؛ انهيءَ سلسلي ۾ اول اهو ڄاڻڻ ضروري آهي ته 'اپڀرنش' ڪنهن هڪ خاص ٻوليءَ جو مخصوص نالو ڪونهي، بلڪ ساڳئي سلسلي جي ڀاشائن جو مجموعي نالو آهي: يعني ته ڪابه اها ڀاشا يا ٻولي، جا سنسڪرت جي صحيح معيار کان هٽيل هجي. انهيءَ لحاظ سان 'اپڀرنش' بر عظيم پاڪ - هند جي عام مقبول زبانن جو نالو آهي(٢). هيمچندر ۽ مارڪنڊيه، جي پراڪرت جي نحوين ۾ خاص درجو رکن ٿا، تن ٻنهي اپڀرنش بابت لکيو آهي. هيمچندر (١٠٨٨-١١٧٢) آڳاٽو نحوي آهي ۽ هن پنهنجي گرامر "سدّه هيمچندر" ۾ 'اپڀرنش' کي هڪ

---

(١) تصديق لاءِ ڏسو، پشيل جو "پراڪرت ٻولين جو تقابلي گرامر"، جرمن مان انگريزي ترجمو، دهلي، ١٩٥٧ع، ص ص ٦—٧

I agree with SENART that all the Prakrits go back to popular dialects as their source and their, all essential elements originally dereloped from the living speeches (p.7.). This Sanskrit was not the basis of the Prakrit dialects (p.4)- The fact that all the new Indian languages do not go back to Sanskrit today needs no more proof (p.6). (R. Pischel: *Comparat:ve Grnmmar of the Prakrit Languages*, translated from the German by Subhadra Jha, Motilal Banarasidass publishers, Delhi *1957*, pp.6-7).

(٢) تصديق لاءِ ڏسو پشيل جو "پراڪرت ٻولين جو تقابلي گرامر"، انگريزي ترجمو، دهلي ١٩٥٧ع، ص ٣١.

جي، مگر اها ساڳي خصوصيت هو 'ماگڌي' لاءِ پڻ بيان ڪري ٿو، ۽ هڪ ٻئي نحوي 'پيرتوي ڏَر' اها خصوصيت وري 'سَنڪار' ٻوليءَ جي ڄاڻائي آهي؛ جنهن جي معنيٰ ته اها 'وراچڊ' سان مخصوص ڪانهي. اسان اڳتي هلي شاعر "ابو عطا" واري مثال ۾ 'س' ۽ 'ش' اُچارن جي بدلجڻ جي خصوصيت جو ذڪر ڪنداسون، پر جيئن ته اها لغوي خصوصيت سنڌي لاءِ مخصوص ناهي پر ٻين ٻولين ۾ پڻ آهي، انهيءَ ڪري ان مان 'سنڌي' جو 'وراچڊ' سان نڪرڻ جو مستقل دليل ملي نٿو سگهي. آخر ۾ خاص توجهه طلب ڳالهه هيءَ آهي ته مارڪنڊيه ڪَوِينڌر پنهنجو ڪتاب 'پراڪرت سرو سو' سنڌ ڪان سوين ڪوهه پري، اوڀر هندوستان ۾ اوڙيسا ۾ لکيو، جنهنڪري مغربي هندوستان جي ٻولين بابت سندس راءِ کي ايترو وزن ڏئي نٿو سگهجي. ٻيو ته مارڪنڊيه ڪو ٻهه آڳاٽو نحوي ڪونهي. هن پنهنجو ڪتاب راجا 'مڪند ديو' جي حڪمرانيءَ ۾ لکيو، جنهن جو سال ڪن محققن ١٦٦٤ع تسليم ڪيو آهي، مگر ڪن ٻين محققن جي راءِ موجب مارڪنڊيه بهرصورت ١٥- صدي عيسوي جي پهرين پنجويهن سالن بعد ٿي گذريو، يعني ته ١٤٢٥ع بعد ٿي گذريو. سنڌ ۾ اهو سمن جي بادشاهيءَ جو پويون دور هو، جنهن وقت اسان کي سنڌي ٻولي جو شعر 'بيتن' جي مڪمل صورت ۾ ملي ٿو. نه فقط ايترو پر مارڪنڊيه واري عرصي کان گهڻو اڳ ۽ سمن جي دور جي شروعات جا بيت پڻ ملن ٿا، جن ۾ موجوده 'سنڌي ٻولي' پنهنجي مڪمل صورت ۾ نظر اچي ٿي (١)؛ بلڪ ان کان به ڪافي اڳ سومرن جي پوئين دور جي ٻوليءَ جا خدوخال پڻ 'ڳاهن' جي صورت ۾ چٽا نظر اچن ٿا (٢). جيڪڏهن موجوده سنڌي ٻولي 'وراچڊ' مان نڪتي هوندي ته اها سومرن جي اوائلي دور ۾ يا ان کان اڳ نڪتي هوندي؛ مگر هيمچندر سومرن جي دور جي شروعات جو نحوي

(١) ڏسو باب چوٿون. (٢) ڏسو باب ٽيون.

آهي، پر هن صرف 'اپڀرنش' جو ذڪر ڪيو آهي ۽ 'وراچڊ' جو نالو به ڪو نه ڪنيو آهي.

'اپڀرنش' جي لغوي ۽ تاريخي حيثيت. آخر ۾ 'اپڀرنش' جي صحيح لغوي ۽ تاريخي حيثيت کي وري به سامهون رکڻ ضروري آهي. انهيءَ سلسلي ۾ 'پيشيل' جو مٿي نقل ڪيل تحقيقي نظريو نهايت ئي اهم آهي: يعني ته 'اپڀرنش' انهن پاڻائن جو مجموعي نالو آهي، جي سنسڪرت جي صحيح لغوي معيار کان هٽيل هيون. اصولاً اهي عام مقبول عوامي ٻوليون هيون، جي سڌيون سڌو سنسڪرت مان نڪتل نه هيون، ۽ انهيءَ ڪري صرف ۽ نحو توڙي لغت جي اعتبار سان سنسڪرت جا قاعدا انهن سان لڳي نه ٿي سگهيا: اهي اهڙيون 'پراڪرتون' هيون، جن جو سرچشمو سنسڪرت کان اڳ واري ڪا عوامي زبان يا زبانون هيون، جن کي 'پهرين-پراڪرت' (Proto - Prakrit) يا 'ويدي ڀاشا' (Vedic Language) جي دفعي ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو. موجوده لغوي تحقيق پڻ اِهو ثابت ڪيو آهي ته 'اپڀرنش' دفعي جي ٻولين ۽ 'ويدي ڀاشا' ۾ ڪافي هڪجهڙايون آهن *. انهيءَ حقيقت جي اعتبار سان البت 'سنڌي' کي 'اپڀرنش' دفعي جي ٻولي شمار ڪري سگهجي ٿو، ۽ اسان هن کان اڳ پنهنجي مستقل لغوي دليلن جي بناء تي پڻ انهيءَ نظريي تي پهتا آهيون ته سنڌيءَ جو تاريخي رشتو سنسڪرت کان اڳ واري ڪنهن عام مقبول 'پروٽو-پراڪرت' سان ملي ٿو.

**نتيجا:**

مٿين تجزيي ۽ تحقيق، دليلن ۽ مثالن جي بناء تي اسان هن نتيجي تي پهچون ٿا: سنڌي ٻولي سڌيون سڌو سنسڪرت مان نڪتل ناهي، بلڪ سنسڪرت کان اڳ واري

---

* Apabhran'sa "Shows affinities with the Vedic Language not in a Small Measure". تصديق لاءِ ڏسو هن کان اڳ، حوالو ڏنل پشيل جو 'پراڪرت ٻولين جو تقابلي گرامر' ص ٣٢.

دور جي ”سنڌو ماٿر جي قديم ٻولي“ آهي. ’لهندا‘ (سرائڪي ٻهاولپوري- ملتاني- ديري والي- هندڪو)، ’ڪشميري‘ ۽ اترئين سنڌو ماٿر جون ’داردي‘ ٻوليون ان جون پينرون آهن. ٻُودوباش جي لحاظ سان اهي سڀئي سنڌو ماٿر جون آڳاٽيون ’هند- آريائي‘ ٻوليون آهن، پر سنڌ ۽ تاريخي ارتقاء جي لحاظ سان اهي هن برعظيم جي ٻين ’هند- آريائي‘ ٻولين کان نراليون آهن، ڇاڪاڻ ته انهن جي بناوت ۽ اوسر ۾ هند- ايراني ۽ اولهه کان ٻين داخل ٿيندڙ ٻولين کي دخل آهي. خاص ’سنڌ جي آڳاٽي ٻولي‘ جي ابتدائي سنڌ ۾، سُمير ۽ بابل جي تمدن وارين ٻولين ۽ ’سامي- صفت‘ زبانن جا ڪي اجزاء شامل آهن. ’سنڌ جي انهيءَ آڳاٽي ٻوليءَ‘ جا ميساريل نشان اسان کي ’سوئن جي دڙي‘ جي مهرن ۾ ملن ٿا.

---

# باب ٻيو

## سنڌي ٻوليءَ جي سڃاڻ وارو بنيادي دور

## (٥٠٠ع-١٠٥٠ع)

'سنڌي ٻوليءَ' جي تشڪيل ۽ سڃاڻ وارو بنيادي دور تقريباً راءِ ۽ برهمڻ گهراڻن ۽ عربي حڪومت جي عرصي وارو دور آهي، جو ٿُلهي ليکي عيسوي ڇهين صديءَ جي شروعات کان وٺي يارهين صديءَ جي آخر تائين سمجهڻ گهرجي. هن دور ۾ موجوده 'سنڌي ٻوليءَ' جي تشڪيل ٿي. انهيءَ عرصي کان اڳ واري ٻوليءَ، يا ٻولين کي اسان "سنڌ جي ٻولي يا ٻوليون" سڏيو آهي؛ ڇو ته اسان وٽ يقيني ته ڇا، مگر ڪو ظني ۽ گماني دليل به موجود ناهي ته ڪو راءِ-برهمڻ گهراڻن ۽ عربن جي حڪومت کان اڳ موجوده سنڌي ٻوليءَ جو خاڪو ڪنهن به نوع ۽ نموني ۾ موجود هو.

(الف) راءِ ۽ برهمڻ گهراڻن جي دور ۾ ٻوليءَ جي سڃاڻ ۽ صورت.

---

عربن جي حڪومت کان اڳ جا ٽي چار سؤ ورهيه 'سنڌي ٻوليءَ' جي اُسرڻ ۽ اُڀرڻ لاءِ هڪ چڱو پيش خيمو هئا. انهيءَ دور ۾ ٻڌ ڌرم جو مهاين پنٿ سنڌ جي عوام ۾ پکڙيل هو، ۽ ماڻهن جي انهيءَ ڌرمي ميلاپ مان معاشرتي ميلاپ ۽ لساني يڪسانگي جو نتيجو نڪري سگهي ٿو. سياسي نڪتهءِ نظر سان پڻ ڇهين ۽ ستين صدي عيسويءَ ۾ راءِ گهراڻي ۽ برهمڻ گهراڻي جي حڪمرانن سنڌ ۾ سياسي مرڪزيت جو هڪ خاڪو پيدا ڪيو. انهيءَ ڌرمي ۽ سياسي يڪسانگي سنڌ جي ٻولين ۽ محاورن کي مرڪزيت ڏيڻ لاءِ رستو صاف ڪيو.

فتح اسلام کان اڳ، سنڌ جي ٻوليءَ يا ٻولين جو قلمبند ٿيل نمونو موجود ڪونهي؛ البته "فتحنامي" ۾ ڪي الفاظ ۽ فقرا ملن ٿا، جي هن ريت آهن:

پنهنجي پنهنجي رسم و رواج هئڻ ۾ ڪو شڪ نٿو نظر اچي. انهيءَ ڪري چئي سگهجي ٿو ته فتح اسلام کان اڳ، نه صرف ملڪ جي هر خطي جي زبان جدا هئي، مگر مختلف قومن ۽ قبيلن جون پنهنجون پنهنجون ٻوليون هيون. هن حقيقت جي تائيد مشهور عربي عالم، اِبْن نَدِيْم جي تقريباً هڪ هزار ورهيه اڳ جي ڪيل تحقيق مان به ٿئي ٿي، جا اڳتي بيان ڪئي ويندي.

(ب) عربن جي دور حڪومت ۾ ٻوليءَ جي بنيادي تشڪيل ۽ ترقي.

عربي دور حڪومت ۾ سنڌ جي ٻوليءَ يا ٻولين تي جي اثرات پيا، سي هي هئا:

١- ٻوليءَ ۾ مرڪزيت پيدا ٿي. عربن جي دور حڪومت ۾ جا وڏي ۾ وڏي ترقي ٿي، سا هيءَ هئي ته سنڌ جي ٻولين ۽ محاورن ۾ هڪ مرڪزيت پيدا ٿي، جنهن جي ڪري جامع 'سنڌي ٻولي' جي تشڪيل وجود ۾ آئي، جا عام ملڪي ٻولي بني ۽ ان جو بنياد مضبوط ٿيو. هن مرڪزيت جا مکيه ڪارڻ هي هئا: (١) سڄي سنڌ هڪ پختي نظام حڪومت هيٺ آئي. سنڌ جي تاريخ ۾ هيءَ پهرين منظم حڪومت هئي، جنهن سنڌ جي گوشي گوشي ۾ قضا (انصاف) ۽ خراج (زرعي ڍل) جي نظام ذريعي رعايا جي زندگيءَ تي گهرو اثر وڌو: تقريباً ٽي سؤ سال کن سنڌ عربي سياست ۽ ان جي اثر هيٺ رهي؛ (٢) سياست سان گڏ رعايا دين اسلام اختيار ڪيو: اسلامي عقائد ۽ اسلامي زندگيءَ هن سياسي مرڪزيت کي اڃان به زياده مضبوط ڪيو: قبائلي فرق گهٽيا، ۽ اسلامي شريعت مختلف ريتين رسمن کي هموار ڪيو؛ (٣) هن دور ۾ نوان نوان شهر ٻڌا، ۽ واپار لاءِ خشڪي خواهه درياهي رستا کليا: واپار جي ترقي ۽ قافلن جي اچ وڃ سبب ملڪ جا مختلف حصا پاڻ ۾ ڳنڍجي ويا، ۽ سڄي ملڪ جي ماڻهن ۾ گهري لهه وچڙ پيدا ٿي: انهيءَ لهه وچڙ ۽ لڳ لاڳاپي، ملڪ جي مختلف ٻولين ۽ محاورن ۾ هڪ لساني ربط پيدا ڪيو،

۽ عام سنڌي ٻوليءَ جي اوسر ۽ اوسر کي ترقي ڏني.

٢- ٻوليءَ جي نفسياتي ڪيفيت بدلي. عربي دور ۾ نه صرف سنڌ جي ٻولين ۽ محاورن ۾ مرڪزيت پيدا ٿي ۽ هڪ عام سنڌي ٻولي آسري، مگر ان سان گڏ ٻوليءَ جي نفسياتي ڪيفيت به بدلي. ان جا مکيه ڪارڻ به هئا:

پهريون ته سنڌ جي عوام جا، عرب ملازمن، ڪاريگرن ۽ مهاجرن سان گهرا معاشرتي تعلقات پيدا ٿيا: عربن سنڌ کي پنهنجو وطن بنايو، ۽ محمد بن قاسم سنڌ جي گوشي گوشي ۾ عربن جون آباديون قائم ڪيون(١). محمد بن قاسم بعد ڪن ساٿين پوئتي موٽڻ ٿي چاهيو، مگر خليفي سليمان جو فرمان آيو ته "اتي رهي کيتي ڪريو ۽ هنرُ ڪاهيو ته سڪيا هجو"(٢). مرڪزي حڪومت جي انهيءَ پاليسيءَ عربن کي سنڌي ڪڙمين ۽ آبادگارن جو پاڙيسري ۽ شريڪ بنايو، انهيءَ ڪري عرب چڻ سنڌي بنجي ويا، ۽ عربن ۽ سنڌين جي وچ ۾ قريب تر معاشرتي رستو پيدا ٿيو. سر زمين سنڌ ۾ ته عربن ۽ سنڌين جي وچ ۾ متعدد شادين مُرادين ۽ ناٽين جو امڪان نظر اچي ٿو، مگر سنڌين جي شرافت ۽ مروت کان وڏا وڏا عرب خاندان به متاثر ٿيا، ۽ انهن سنڌ سان شاديون ڪيون. هڪ قديم عرب مورخ ۽ محقق جي بيان موجب حضرت علي جي فرزند محمد، امام زين العابدين ۽ امام زيد بن الحسين جون مائرون سنڌي هيون (٣). اهڙيءَ طرح علي الاصغر بن زين العابدين علي بن الحسين جي جي امڙ به سنڌي هئي(٤). بنو اميه جي مشهور جرنيل مُهلّب جي بن بهادر پٽن، مُفضّل ۽ عبدالملڪ، جي ماءُ به سنڌي هئي، ۽ سندس نالو مائي 'ٻلي' هو (٥). بنو اميه جي آخري

(١) ڏسو 'فتحنامه سنڌ' (٢) 'تاريخ طبري'، ليڊن (*Lieden*) ڇاپو، جلد ٢ صفحو ١٢٧٥، (٣) 'ڪتاب المعارف' (ابن قتيبه)، ص ١١٠ (٤) 'عمدة الطالب'، ص ٣٠٤ (٥) 'ديوان فرزدق'، پئرس ڇاپو ص ٧٧، مصري ڇاپو ص ١٦

ڪمانڊر-اِن-چيف يزيد بن عمر بن هبيرةالفزاري جي ماءُ، جا نهايت حسين عورتن مان هڪ هئي، سا به سنڌي هئي(١)؛ ۽ هن سنڌي رشتي جي ڪري ئي ابو عطا سنڌي شاعر سندس ظالمانه قتل تي هڪ بي نظير مرثيو لکيو، جو ملڪان ملڪ مشهور ٿي ويو، عربي ادب ۾ فن مرثيه جو نـَڪ بنيو، ۽ متعدد عربي ادب جي ڪتابن ۾ نقل ٿيو(٢).

عربن ۽ سنڌين جي مائٽين جا متعدد مثال موجود آهن، مگر مٿيان مثال بالڪل اوائلي ۽ اهم آهن. عرب ۽ سنڌي پاڻ ۾ جو ايتري قدر سڳيڙا ٿيا، تنهن سنڌ وارن جي گهرو زندگي، پاڙي ۽ ڳوٺ جي زندگي، راڄ جي زندگيءَ ۽ ملڪ جي معاشرتي زندگيءَ تي اثر وڌو. ان دور جي عرب اخلاقيات واريون وصفون - مثلاً مروت، ضيافت، سخاوت، شجاعت عصبيت، حميت ۽ بدويت- سنڌين جي معاشري ۽ شخصيت جو لازم ملزوم نفسياتي جز بنجي ويون.

ٻيو وڏو ڪارڻ، جنهن ماڻهن جي شخصي توڙي اجتماعي زندگيءَ ۾ وڏي نفسياتي تبديل آندي، سو هو اسلام جو دلين تي اثر. خداى عزوجل جو خوف، ڪفر ۽ ايمان ۾ فرق، دنيا ۽ آخرت جو تصور، دوزخ ۽ بهشت (عذاب ۽ انعام) جو فڪر، حق تي سر ڏيڻ ۽ شهادت جي دلپذيري وغيره اسلامي اعتقادن، ماڻهن جي سوچ ويچار توڙي ارادن ۾ نئين ڪيفيت پيدا ڪئي، جنهنڪري شخصي توڙي اجتماعي نفسيات جو رُخ بدليو. اهڙيءَ طرح اسلامي عملن- شريعت اسلام جي

---

(١) 'ڪتاب المعارف' (ابن قتيبه)، ص ٢٠٨ (٢) 'المعارف' ٢٠٨؛ 'الطبري' ٣/٧٠؛ 'الشعراء'، ٤٨٤؛ 'الامالي'، ١/٢٧١؛ 'العقد'، ٢/٣١؛ 'الخزانه'، ٤/١٦٧؛ 'الحماسه' ٢/٥٢-١٥١؛ 'الاغاني' ١٦/٨١؛ 'الوفيات' ٣/٩١-٢٩٠؛ 'المرتضى' ١/١٦١؛ 'المقطعات'، ١٠٢؛ 'الحصري' ٣/٢١٣؛ 'الاقتضاب'، ٢٩٢؛ 'الاضداد'، ٦٧؛ 'ادب الڪتاب'، ٢٤ و شرح ١٢٤؛ 'مراه الجنان' ١/٢٧٨؛ لسان العرب (عهد) (اثر).

پابنديءَ، نماز، روزا، صدقات ۽ خيرات ـ شخصي توڙي اجتماعي زندگيءَ جي عملي طرز ۽ طريقي کي ڦيرايو، ۽ ماڻهن جي عادات ۽ اطوار، افعال ۽ اعمال کي هڪ نئين نهج ۽ نئين نوعيت تي آندو، ۽ معاشرتي ۽ ديني عوامل ۽ اثرن عوام جي شخصي توڙي اجتماعي نفسيات ۾ تبديل آندي.

انهيءَ شخصي ۽ اجتماعي نفسيات جو ٻوليءَ جي نفسيات تي اثر پيو. جڏهن ماڻهن جي خيالات، احساسات ۽ جذبات جي نوعيت بدلجڻ لڳي، تڏهن سندن نفس ڪلام جي هيئت بدلجڻ ضروري هئي؛ نه صرف اسلام، ايمان، شريعت، دين، توحيد، سنت، صلواة، روزا، حج، زڪوات، صدقات ۽ خيرات جا الفاظ ٻوليءَ ۾ رائج ٿيا: مگر مروت، ضيافت، سخاوت، شجاعت، عصبيت، حميت، بدويت ـ اهي اهڙا تخيلات (concepts) هئا، جن جو اثر، خيال ۽ ويچار جي ڪيفيت (thought process)، عمل جي نوعيت (behaviour)، ۽ اجا به زياده نفس ڪلام جي هيئت ۽ ٻوليءَ جي سناء تي پيو، جنهنڪري سنڌي ٻوليءَ جي نفسيات اصلاً توڙي اصولاً بدلي.

٣ـ ٻوليءَ جي تمدن ۾ واڌارو ٿيو. عربي دور حڪومت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لغات جي تمدني سرمايي ۾ وڏو واڌارو آيو. عرب حڪومت ملڪ جي اقتصادي حالت کي بهتر بنائڻ لاءِ ملڪ جي زراعت ۽ ڍنڍن کي زور ورنارايو. زراعت توڙي ڍنڍن ۾ ڪم ڪندڙن، ڪم جي اصطلاحن، ۽ ڪم جي اوزارن کي عربي ٻوليءَ جا الفاظ ۽ نالا مليا. زراعت ۾ ”هاري“ ۽ ”مجيري“ جا بنيادي نالا، عربي لغت ۽ آن جي اثر سان سنڌي ٻوليءَ جو جز بنيا. ’هاري‘ جيڪڏهن ’هر‘ مان اسم فاعل آهي، ته به عربيءَ جي اثر هيٺ، ۽ جيڪڏهن ”حارث“ مان نڪتل آهي، ته به عربي اثر هيٺ. ’هرلي‘ يا ’ايث‘ جي عربي نالي ’ناعُوره‘ مان سنڌي ۾ ’نار‘ جو نالو عام مروج ٿيو، ۽ نار چاڙهيندڙ کي آن ابتدائي دور

۾ اسم فاعل جي ترڪيب موجب 'نـاري' سڏيو ويو، جنهن جو اهڃاڻ اڃ تائين 'هاري ناري' جي اصطلاح ۾ موجود آهي. 'مجبري' 'اجار- يجبر' فعل مان نڪتل آهي، ۽ ان جي معنيٰ آهي 'محافظ' يا 'سنڀال ڪندڙ'. عراق جي آباد زمين وانگر سنڌ جي زمين جي ماپ تي ۽ 'جريب' جو آڳاٽو عربي لفظ عام مروج ٿيو. هاڻوڪي سکر براج وانگر، عربي دور ۾ خليفي معتصم بالله جي ڏينهن ۾، سنڌ جي گورنر موسيٰ بن عمران ملڪ جي زراعت لاءِ هڪ بئريج يا بندبڌايو *؛ جنهن جو نالو رکيو ويو هو "سڪرالميد"، يعني 'ميد يا مهاڻن وارو بند'. عربيءَ ۾ 'سڪر' جي معنيٰ ئي آهي بند، ۽ 'سکر' شهر جو نالو انهيءَ آڳاٽي بند جي قديم نالي جو يادگار آهي. درياءَ ۽ واهن جي ڪنارن تي آمدرفت لاءِ دڪا ٻڌيا، جن تان سنڌيءَ ۾ لفظ 'ڦُرڙ' (عربي=فُرضة) بمعني ڪچي پُل جي، عام استعمال ٿيو. اهڙيءَ طرح 'آنّ' جي ماڻ جو نالو "ڪاسو" ڪنهن عربي ماپي "ڪاسه" (برتن) جو يادگار آهي. 'چوٿائي' عربي لفظ "ربع" جو ترجمو آهي، ۽ "خرار" لفظ عربن جي ذريعي آيل فارسي ماڻ جو ذريعو آهي. لوهارڪي ڌنڌي ۾ مترڪو (ع. مِطْرَقة) ۽ سنداڻ (ع. سندان) عربي اثر جا يادگار آهن. جهازرانيءَ ۾ ملاح، ميربحر، زورق، ونجهه (فارسيءَ مان عربي ذريعي)، سڪاڻ (ع. سُڪان)، ڦُرڙ يا ڦُرڙدو (ع. فُرضَة)؛ ڪاسائڪي ڌنڌي ۾ ڪاسائي (ع. قصاب)، ڪاتي (ع. قاطع)،

---

* مورخ 'بَلاذُري' پنهنجي ڪتاب 'فُتوح البُلدان' ۾ سنڌ جي فتح واري باب هيٺ 'سڪرالميد' جو ذڪر ڪيو آهي (ڏسو 'فتوح البلدان' دغويه جو سنواريل، يورپ (برل) جو ڇاپو، ١٨٨٦ع، ص ٤٤٥) ۽ بلاذري جي بيان جي سلسلي جي بناءَ تي ڪافي وثوق سان چئي سگهجي ٿو ته اهو مهاڻن وارو بند، موجوده اروڙ- روهڙي- سکر واري ايراضيءَ ۾ ٻڌايو ويو، ڇاڪاڻ ته انهيءَ موقعي تي موسيٰ جي ڇانوڻي اروڙ ڏاري هئي.

حلوان (نندو ٻڪر)، ذبح، حلال، حرام ۽ تڪبير؛ واپار ۾ دڪان (فارسيءَ مان عربي ذريعي)، ساهمي، دلال، ڪاپاڙو (ع. قباله)، ڪڙيو يا ڪرجين (ع. خرج)، بقر يا باقري (ع. بقال)، بجاج (ع. بزاز)، حلوه (ع. حلوه)، قرص، ثوم، بصر وغيره.

عربن ۽ سنڌين جي گهري معاشرتي زندگيءَ سبب، سنڌي ماڻهن جي نالن جي نوعيت ۾ ڦير گهير به آئي. عرب پنهنجن ماڻهن ۽ قبيلن جا نالا ڪڙن پٿن ۽ خطرناڪ جانورن جي نالن جهڙا، دشمنن تي رعب ويهارڻ لاءِ رکندا هئا ـ مثلاً ماڻهو جو نالو 'حنظله' (=ٿوهر)، قبيلي جو نالو 'بنو اسد' (=شينهن جا ٻچا) وغيره. ساڳيو عڪس سنڌي نالن تي پيو: سنڌيءَ ۾ ماڻهن جا نالا (مثلاً ٿوهر، ڪوڙو، اڪ، نِم، شينهڙو، گدڙ، بگهڙ، سگهو، سِهُ، ڏڱاٽو، لوهه-مروڙ وغيره) ۽ ذاتين جا نالا (ناهر، بگهياڙ، شينهڙا، واسينگ، وغيره) عربي نهج تي مگر خالص سنڌي لغت ۾ بنيا. روزمره جي پوشاڪ بدلي ۽ ڪپڙن جا نوان نالا سنڌي جو جز بنيا؛ مثلاً رئو (رداء)، پوتي (فوطه) گج (قز)، گندي (غطاء > غطه) ۽ صدري؛ گهرو زندگيءَ ۾ ابو، امان، دلو، دبڪي، تباڪ (طبق-طباق) وغيره عربي لغت جا الفاظ سنڌي ٻوليءَ ۾ داخل ٿيا.

عربن جي مال متاع ۽ وهٽن جي شوق، سنڌ جي چوپائي مال جي پرورش ۽ انن گهوڙن ڏارڻ جي ذوق ۽ ڏنڌي کي وڌايو. سنڌ جي ڀاڳين پنهنجي مال جي سڃاڻپ لاءِ عربن جي قديم رسم موجب داغ ۽ ڪَڪر ڏنا. مال جي سڃاڻپ لاءِ 'داغن' جو سلسلو جيترو عرب ۽ سنڌي قبيلن ۾ عام مروج ۽ مڪمل نظر اچي ٿو، اوترو دنيا جي ٻيءَ ڪنهن به قوم ۾ نٿو ملي. سنڌ ۾ عربي گهوڙن ۽ اُٺن جا نسل پالجڻ شروع ٿيا. يمن جي قبيلي 'مهرة بن حيدان' جي اُٺن جي ٻچ مان سنڌ ۾ 'مهري' اُٺن جو نسل آيو، ۽ پلن اُٺن تي نالو ئي 'مهري' پئجي ويو. گهوڙن مان 'ابلق' ۽ 'ڪميت' جا ٻچ عربن آندا.

ازانسواءِ، جيئن تہ عربي ٻوليءَ ۾ اُٺ ۽ گهوڙي جي قسمن، رنگن، ٻِڌن، مرضن ۽ علاجن جا عجيب غريب نالا هئا، تيئن ساڳئي نموني تي سنڌي ٻوليءَ ۾ بہ نالا نروار ٿيا. اُٺ جا چم ڪان وٺي ڇهن سالن تائين، عمر موجب نالا: ڄائو تہ گونئرو ۽ مزات؛ ٢ سال، ٻِهاڻ؛ ٣ سال، ٽِير'هاڻ؛ ٤-٥ سال، ڇِڳٽ؛ ٦ سال، دؤڪ؛ ٧ سال، چوڳو؛ ٨ سال، ڇڳو؛ ۽ ٩ سال، 'نيش' (نيش يعني نون سالن جو نوجوان اُٺ، جو بلڪل عربي لفظ "بازغ" جو مترادف آهي)؛ ان بعد ٩ کان ١٢ سالن تائين 'بنيش'، ۽ ٻارهين سال 'ارموش'. اهڙيءَ طرح گهوڙي جا نالا، عمرن موجب: وڇيرو، سَرل، دؤڪ، چؤسال، پانجاريو، وغيره. رنگ ۽ ٻڻ موجب اُٺ: سنڌي، لاڙائي، ساڪرائي، ڏاتي، ڏيائي، سوتي، جالوري وغيره؛ تہ وري گهوڙو- ڪميت، جابون، نيرو، بور، مُشڪي، چينو، نقرو، ٻگلو، ابلق، سنجاف، سرخو، مَڪڙو، سَمند، پنج-ڪلياڻ، ڪبوتريو، ديناري وغيره. گهوڙي جي سنجن مان 'رڪيب' ۽ اُٺ جي سازن مان 'نط' (= 'نطع' يعني چمڙي جي جهُل) ۽ 'گاشو' (غشاء=پوش) عربي اثر جا نماياں نشان آهن. اهڙيءَ طرح چوپائي مال (جو سنڌ جي زندگيءَ جو مکيہ جز آهي)، گهوڙن ۽ اُٺن بابت لفظن ۽ اصطلاحن جو ذخيرو عربي ٻوليءَ جي ساڳئي سرمايي جي زير اثر توڙي نهج ۽ نموني تي ويجهيو ۽ وڌيو.

بدوي يا بري تمدن جي خصوصيات مان هڪ هيءَ بہ آهي تہ ان جي افراد کي بدوي زندگيءَ جي جزئيات جي ذري پرزي خبر هوندي آهي. هو پنهنجي تر جي مٽيءَ جي ذري ذري، وڻ وڻ جي ذات ۽ گاهہ گاهہ جي پن کي سڃاڻي. سنڌ پنهنجي طبعي بناوت جي لحاظ سان عرب جهڙي هئي، انهيءَ ڪري بدوي تمدن جو مڪمل عڪس سنڌ جي دهقاني زندگيءَ تي پيو، ۽ عربي لغت جو عڪس سنڌ جي عام ٻوليءَ تي. جيئن عربي ۾ ڪن اسمن- مثلاً اُٺ، شينهن، وغيره- جا مختلف

اوصاف، ۽ محاورن سبب مختلف نالا هئا، تيئن سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻه انهيءَ نهج تي مختلف نالا نروار ٿيا: سنڌيءَ ۾ اُٺ لاءِ ٻوتو، ڏاگهو، چانگو، ٻور، توڏو، ميو، ليڙو، بغدي وغيره نالا بنيا، ته شينهن جا (قسم ۽ رنگ وغيره جي لحاظ سان) قيصر، ساوَج، مزار، ڪيهر، واگهه، ٻيلائي، چيتو، گجمير، وغيره نالا نڪتا. اهڙيءَ طرح سنڌيءَ ۾ وڻن ۽ گاهن جا متعدد نالا آهن: ۽ ساڳيءَ طرح هُرلي ۽ نار، چپر ۽ مَنهَن جي جدا جدا ڪائين جا جدا جدا نالا آهن. هن ’جزئياڻي تفصيل‘ جو مثال، سواءِ عربيءَ جي ٻين ٻولين ۾ ڪٿو ملي.

عرب بدوي تمدن جو اثر سنڌ جي دهقاني زندگيءَ جي هر شعبي تي پيو: پير کڻڻ، نڪت نهارڻ، ڏت ڏورڻ، ڪوهيون ۽ تڙ ڪٽائڻ، وس چرڻ، جهوڪون ڪرڻ، جهوڪ جون باهيون ٻارڻ، دونهيون دکائڻ ۽ پڌ ڪرڻ - جي سڀ سنڌ جي ٻري زندگيءَ جا نشانبر پهلو آهن - انهن مڙني تي عرب جي بدوي تمدن ۽ بدوي لغت جو بالڪل گهرو اثر پيل آهي. عرب رات جو جهوڪن وقت باهيون ٻاريندا هئا، ته مسافر پري کان ڏسي لڙي اچن. باهه ٻارڻ ۽ دونهيون دکائڻ، مهمان نوازي ۽ مردانگي جو شيوو هو. سنڌ به اهو عربي تمدن انهي ساڳيءَ اخلاقي معنيٰ ۾ قبول ڪيو. سنڌيءَ جا اصطلاح ’ٻوٽو ٻارڻ‘ يا ’فلائي ڪانم ٻاري‘ وغيره، انهيءَ تمدن جي ياد آهن:

تو سِرون ساري مڙس ڪي، تون ٻيٺو آهين بي ايمان
انهيءَ جئي کان مُئو ڀلو هون، تو ڪانئر ٻاري ڪان!
(دين محمد لغاري)

اهڙيءَ طرح ’کيما ڪوڙڻ‘ (خيما ڪوڙڻ=منزل انداز ٿيڻ) اصطلاح، انهيءَ ٻري تمدن جي ساک ڀري ٿو، جو سنڌ ۾ عربي اثر هيٺ رائج ٿيو:

عشق آئي جت کيما ڪوڙي، دين ڪفر جا تڳا ٽوڙي.

عرب شاعرن پنهنجي محبوب جا ڦِٽل پَڌ (جهنگ ۾ گهرن جا

محاورن ۾ ’ز‘ ۽ ’ج‘، ’س‘ ۽ ’ش‘ جي اچارن ۾ ڪا تميز ڪانه هئي. انهيءَ ڪري عربي ٻوليءَ جي لفظن ۾ سنڌ وارا ’ج‘ ۽ ’ش‘ جي اچارن کي ڦيرائي ’ز‘ ۽ ’س‘ اچارڻ لڳا. مشهور اديب جاحظ پنهنجي تصنيف ”ڪتاب‌البيان والتبيين“ ۾ هن حقيقت ڏانهن اشارو ڪيو آهي، ۽ تنقيد ڪندي لکي ٿو ته ”سنڌ جو رهاڪو لامحاله ’ج‘ جو اچار ’ز‘ ڪري ٿو، پوءِ ڀل ڪٿي هو عرب جي فصيح ۽ بليغ قبيلن بَنُو قَيس ۽ بنو هَوازَن ۾ پنجاهه سال رهيو هجي“(١). هن سلسلي ۾ جاحظ پنهنجي ٻي تصنيف ”ڪتاب‌الحيوان“ ۾، سنڌ جي هڪ پوڙهي مائي (جنهن جي مادري زبان غالباً سنڌي هئي) جو سنڌس سواريءَ جي لاڏو اُٺ بابت عربيءَ ۾ ادا ڪيل هڪ فقرو نقل ڪيو آهي، جنهن ۾ هن مائي ”جمل“ (اٺ) کي ’زمل‘ ڪري اچاريو(٢).

ابوعطا السندي عربيءَ جو مشهور ۽ مجيد شاعر آهي، جنهن سادا ٻارنهن سؤ ورهيه اڳ سنه ١٣٢هه ڌاري وفات ڪئي. هو نندي هوندي کان عرب قبيلي ’بنو اسد‘ ۾ رهيو هو، مگر تنهن هوندي به سندس زبان ۾ سنڌي اچارن واري خامي هئي، ۽ هو ’ج‘ کي ’ز‘ ۽ ’ش‘ کي ’س‘ ڪري اچاريندو هو. انهيءَ تي سندس ٻيا همعصر شاعر ۽ اديب مٿس نڪته چيني ڪندا هئا. هن سلسلي ۾ هڪ دلچسپ ۽ معتبر واقعو ٿي گذريو جو عربي ادب جي ڪتابن ۾ هن طرح مشهور آهي:
ابوالحسن مدائني جي تحقيق موجب، هيءَ ڳالهه هن ريت هئي ته معلّيٰ بن هُبيرة ۽ حمادالراوية، جي ٻئي شاعر، راوي ۽ اديب هئا، تن جي وچ ۾ هڪ قسم جي ادبي رقابت هئي؛

---

(١) ”ڪتاب‌البيان و التبيين“، جلد ١، ص ٦٦ (٢) ”لقد رَکبت عجوزه سنديه ظهر بَعير فلمّا اقبل يه البعير و ادبر و طمر فمخضها مرة مخض السقاء وجعلها مره کانها ترهز فيقالت بلسانها، وهي سنديه عجميه: اخزي اللّٰه هذا الزمل، فانه يذڪر بالشر“ (ڪتاب‌الحيوان، جلد ٣، ص ٩).

بِها تَبّاً و آياتِ المَثانِي
(طبّاً)

ته آءٌ انهي فن ۾ يگانهء روزگار آهيان)
اني پڇيو مانس ته:

فَمَا اسمٌ حَدِيدَهٌ فِي راسِ رُمحٍ
(انهي لوهه جي ٽڪر جو نالو ڇا آهي، جو نيزي جي چوٽيءَ ۾

دُوَيْنَ الكَعبِ لَيسَتْ بِالسِّنانِ؟
ڏيٺيءَ جي نزديڪ آهي، مگر اهو نيزو به ناهي؟)
چيائين:

هُوَ الزُّرُّ الذي ان باتَ دَيفاً
(الزج) (ضيفا)

(اهو زُزّ [صحيح 'زج' يعني پالو] آهي؛ جو جيڪڏهن

لِصَدرِكَ لَم تَزِلْ لَكَ اَولَتانِ
(عولتان)

رات جو تنهنجي ڇاتيءَ جو مهمان بنجي ته توکي هميشه لاءِ
سُور ڏيئي ڇڏي)
مون چيومانس ته "ڏئي توکي نيڪي ڏئي، شايد تنهنجي مراد
'زج' آهي!" وري پڇيومانس:

فَمَا صَفراءُ تُدعَى اُمَّ عَوفٍ
(پلا اها ڪهڙي پيلي شيءِ آهي، جا 'اُم عوف' سڏجي ٿي

كَانَّ رِجَيلَتَيها مِنجَلانِ؟
ءُ جنهن جا پيرڙا ڄڻ ڏاٽي جهڙا آهن؟)
جواب ڏنائين:

اَرَدتَ زَرادَةً و اَزُنَّ زَنّاً
(جرادة) (آظن ظنّا)

(تنهنجي مراد 'زرادة' [صحيح 'جرادة' يعني مڪڙ] آهي؛

ابو عطاء سنڌيءَ جو دور ڏورو تقريباً سن ١٣٢هه ڌاري
ختم ٿئي ٿو: انهيءَ لحاظ سان، هيءَ حڪايت ثابت ڪري ٿي
ته ٻي صدي هجريءَ جي اوائل ڌاري سنڌ جي ٻوليءَ ۾ محاورن
۾ 'ز' ۽ 'ج'، 'س' ۽ 'ش' جي اچارن ۾ تميز ڪانه هئي.
ٻيو ته سنڌ ۾ عربي حڪومت جي انهيءَ اوائلي دور ۾ اڃان
سنڌ وارن جون زبانون خالص عربي حرفن – ح، ض، ط، ع
وغيره – سان پڻ مانوس ڪين ٿيون هيون، ۽ انهن حرفن جا
اچار سنڌ جي ٻولين ۽ محاورن ۾ داخل ڪين ٿيا هئا. هيءَ
حڪايت اهو به ظاهر ڪري ٿي ته، ڪيئن سنڌي جي خام
اچارن تي عربن طرفان تنقيد ٿيندي رهي. انهن علمي تنقيدن
توڙي سنڌين ۽ عربن جي وچ ۾ عام لهه-لاڳاپي جو اهو نتيجو
نڪتو، جو سنڌي لفظن جي اچارن ۾ 'ج'، 'ز'، 'س' ۽ 'ش'
جي جداگانه ۽ مستقل اچارن جو اضافو ٿيو. اڄڪلهه سنڌ جا
اصل باشندا – يعني لاڪا، سهتا، سما، چنا وغيره – جي ٻهراڙيءَ
۾ رهن ٿا، تن مان اڻ-پڙهيل به اهي اچار بلڪل صحيح ۽ صاف
ڪن ٿا: صرف سنڌ جا لوهاڻا ۽ ٻيا اصلي هندو باشندا، جي سماجي
طور عربن مسلمانن کان الڳ رهيا، انهن ۾ البتِ اڃان تائين
انهن اچارن جي خامي موجود آهي.

٤. چوٿون ته سنڌي لفظن ۽ جملن جي ستاء تي عربي
ٻوليءَ جي اعراب جو اثر پيو. 'اعراب' جملي ۾ ٻيهڪ جي
لحاظ سان لفظ جي آخري حرف واريءَ حرڪت (زير، زبر،
پيش) جو نالو آهي. هندوستان جي ٻين موجوده ٻولين مان
سنڌي ٻولي ئي آهي، جنهن ۾ اعراب جو سلسلو مڪمل طريقي
سان موجود آهي. سنڌيءَ جا مذڪر اسم پنهنجي اصلوڪيءَ
صورت ۾ اڪثر پيش سان هوندا آهن، ۽ مؤنث اسم گهڻو ڪري
زير يا زبر سان: (سواء ڪن جزوي مستثنات Exceptions جي–
مثلاً مَس ڪَسُ وغيره). حالت فاعلي (۽ فعل لازمي) ۾ البت
اسمن جي اعراب ساڳي اصلوڪي حرڪت رهندي (مثلاً 'گهرُ'

جي مکيہ ٻولين بلڪ محاورن جو بہ ماهر هو. ان عالم، راجا جي ضرورت موافق، اسلامي احڪام کي ڏيهي ٻوليءَ ۾ قصيدي جي صورت ۾ نظم ڪيو، ۽ راجا ڏي موڪليو ويو. راجا کي اهو نظم نهايت پسند آيو، ۽ امير عبدالله کان مصنف جي گهر ڪيائين. هي عالم، راجا جي دربار ۾ ويو ۽ ٽن سالن بعد موٽيو؛ [۽ خبر ڪيائين تہ] راجا قلب توڙي زبان سان اسلام قبول ڪري چڪو آهي، مگر سياست جي مصلحت سببان عام اعلان ڪونہ ٿو ڪري؛ [۽ ٻڌائين تہ اتي] راجا کيس ملڪي ٻوليءَ ۾ قرآن شريف جي ترجمي ڪرڻ لاءِ چيو، جو پورو ڪيو ويو. [راجا جي انعام متعلق ٻڌائين تہ] راجا ٽن ڀيرن ۾ کيس ڇهہ سؤ من سون بخشش طور ڏنو(١). من انهيءَ وقت هڪ ننڍو وزن هو.

هنن حقيقتن مان ظاهر آهي تہ سرزمين سنڌ ۾ نہ صرف عربيءَ جي اڀياس لاءِ درسگاهون هيون، مگر سنڌي بلڪ هندي زبانن جي مطالعي لاءِ بہ جوڳو بندوبست ٿيل هو. سنڌ ۾ سنڌي توڙي عربي ٻنهي ٻولين کي وڏي اهميت هئي، ڇو تہ عربن ۽ سنڌين جي گڏيل رهڻي ڪهڻيءَ سبب، ٻئي هڪٻئي جي ٻولي سمجهندا ۽ ڳالهائيندا هئا. جملي عرب سياحن جو بيان آهي تہ سنڌ ۾ سنڌي توڙي عربي ٻولي ٻئي رائج هيون- جنهن مان ثابت آهي تہ عرب حڪومت سنڌي ٻوليءَ کي وڏي اهميت ڏني، ۽ ان جي ترقيءَ ۽ واڌاري جو باقاعدي انتظام ڪيو.

سنڌ ۾ سنڌيءَ سان گڏ عربيءَ جي عام فهم هجڻ سان هڪ وڏو فائدو هيءُ ٿيو، جو سنڌ وارن پنهنجا تعلقات بغداد توڙي اسلامي سلطنت جي ٻين ڀاڱن سان قائم ڪيا، ۽ اتي جي علمي، ادبي ۽ فني ترقيءَ کان براه راست ڀرپور ٿي سگهيا. ۽ سنڌ ۽ بغداد جي درميان تمدني تعلقات وڌيا. سنڌ جا عرب

(١) 'عجائب الهند'، لکيل بزرگ بن شهريار، ڇپيل ليڊن، ص ٤-٣

گورنر، جي مرڪزي حڪومت طرفان ايندا هئا، سي اڳي ئي علم ادب جا ڪوڏيا هئا. اول ۾ انهن مان گڏ ڪاسبي، ڪاريگر، منتظم ۽ فوجي آفيسر آيا، مگر بعد ۾ مرڪزي عرب ملڪن مان وڏا عالم، سياح ۽ سياسي ليڊر به سنڌ ۾ ايندا رهيا. شايد ابو جعفر منصور جي ڏينهن ۾ امام ابراهيم – جنهن کي پوءِ شهيد ڪيو ويو – سنڌ ۾ آيو، ۽ ان سنڌ جي تاريخ جي تحقيق ڪئي. منهنجي راءِ ۾ 'فتحنامي' جو هڪ باب، جو محمد بن قاسم جي درياءَ اڪرڻ بابت آهي، سو امام ابراهيم جي تحقيق جو نتيجو آهي(١). سنڌ مان وري ڪپڙي جا واپاري (بزاز)، پيلبان، صراف، سڪي ساز ۽ بورچي، بغداد ۽ بصري، ڪوفي ۽ ٻين مرڪزي شهرن ۾ ويا. سنڌ جي بورچين ئي شايد بغداد ۾ سنڌي پلاءُ جا ٻه قسم، "ليمونيه" (ليمائي) ۽ "مهلبيه" (سنڌ جي مهلبي گورنرن جي نالي پٺيان) جنهن کي "بهطه" (ڀت) به سڏيندا هئا، رائج ڪيا(٢). سنڌ جي سرازن جا ٺهيل موزا ۽ سليپر بغداد جون شوقين بيگمون نهايت پسند ڪنديون هيون(٣). سنڌ جي انهن ڪاريگر سرازن، پنهنجي عربي داني مان فائدو وٺي، انهن سليپرن تي دلچسپ عربي شعر ڪڍي دوز ڪيا. هڪ سنڌي سليپر تي هي اشعار لکيل هئا:

جَعَلْتُ خَدِّي لَـهُ ارْضا
فَقُلْتُ طَامِنْ فَوْقَهَا وارْضَا؛
فقال 'لا'، قلت 'بلي سيدي'!
صبراً علي الحُبِّ و انْ مَضَي.

---

(١) ڏسو 'فتحنامه سنڌ'، ڇپيل 'سنڌي ادبي بورڊ'، حيدرآباد، ١٩٥٤، ص ص ٢١٥، ٤٨٠ - ٤٨٢.

(٢) 'ڪتاب الطبيخ' (تصنيف ٦٢٣ هه) لکيل محمد ابن الڪاتب البغدادي، ڇپيل موصل، سنه ١٣٥٣ هه (١٩٣٤ع)، ص ص ١٥٠، ١٩، ٣١ - ٣٢.

(٣) 'ڪتاب التربيع والتدوير من رسائل الجاحظ' (طبع ساسي)، ص ص ١٣٤ - ١٣٥.

(بنايم پنهنجي گل کي فرش ان لاء،
چيم خوش ٿي قدم رک، کر تون دلجاءِ
چيائين 'نه'؛ چيو مون 'سائين، ها ها
محبت جا نباهيو ڏينهن جي وڏا'.)*

سنڌ ۽ مرڪز جي درميان هنن آزادانه ۽ باهمي تعلقات کان سواءِ سنڌ جي عرب گورنرن به ادبي ذوق کي زور وٺرايو. انهن گورنرن جي معرفت کي مشهور عرب شاعر (مثلاً مطيع بن اياس ۽ الصمة بن عبدالله القشيري) سنڌ ۾ آيا. سنڌي نسل جا شاعر - مثلاً ابو عطاء سنڌي، عياض سنڌي ۽ ابوالضلع سنڌي - سندن اعليٰ عربي شاعريءَ سبب اسلامي ملڪن ۾ مشهور ٿيا. جنهن صورت ۾ سنڌ ۾ سنڌي زبان کي به عربي سان گڏوگڏ زور وٺايو ويو هو، انهيءَ ڪري سنڌي زبان جا شاعر پڻ سنڌ ۾ پيدا ٿيا هوندا، ۽ ممڪن آهي ته منجهانئن ڪي ٻاهر به ويا هجن. سنڌ ۾ انهن شاعرن جي ڪارنامن بابت ڪوبه احوال ڪونه ٿو ملي. البت هڪ حوالي جي بناءَ تي چئي سگهجي ٿو ته غالباً سنڌي زبان جو هڪ شاعر، جنهن سنڌي زبان ۾ بغداد جي برمڪي وزيرن جي تعريف ۾ هڪ قصيدو ٺاهيو ۽ جو سنڌ جي عرب گورنر جي معرفت ۽ معاونت سان بغداد پهتو، ان جو ذڪر عربيءَ جي هڪ آڳاٽي عالم پنهنجي تصنيف ۾ ڪيو آهي. امام حافظ ابو حاتم محمد بن حبان البستي، جنهن سنه ٣٥٤ هه ۾ وفات ڪئي، سو پنهنجي ڪتاب "روضة العقلاء و نزهة الفضلاء" ۾ لکي ٿو ته "مون ابراهيم کان ٻڌو، جنهن کي ابن ابي القعقاع چيو ته مون سان ابو هذيل ڳالهه ڪئي، ۽ چيائين ته آءٌ يحيٰ بن خالد برمڪيءَ وٽ روبرو ويٺو هوس، جو هڪ هندي شخص، پنهنجي مترجم سان گڏ، ڪچهريءَ ۾ آيو؛ يحيٰ کي مترجم چيو ته 'هي

---

* عربي شعرن لاءِ ڏسو 'ڪتاب الظروف والظرفاء'، مصنف ابو الطيب الوشاء، ص ١٤٨.

إذَا الكمارِمُ فِي آفاقِنا ذُكِرَتْ
فَانّما بِكَ فيها يُضْرَبُ المَثَلُ؛

انهيءَ تي فضل خوش ٿيو، ۽ کيس هڪ هزار دينار، هڪ قيمتي وڳو، اَٺ ۽ ٻيون سوکڙيون ڏنائين؛ ترجمان کي پنج سؤ دينار ڏنائين، ۽ چيائين ته اُمان هن زبان ۾ اهڙو ڪونه ڏٺو' (١).

بعد ۾ ٻارهين صديءَ جي هڪ سياح، ابن نورالدين المڪي، پنهنجي ڪتاب "نُزهة الجليس" ۾، اهو بيت حضرت بلال ڏانهن منسوب ڪندي لکيو آهي ته حضرت بلال اهو بيت حبشي ٻوليءَ ۾ نبي ڪريم جي تعريف ۾ چيو(٢). ابن نورالدين، سنه ١١٣٣هه ڌاري هندستان جي سفر تي آيو هو، ۽ هو بلڪل پوءِ جو مصنف آهي، جنهنڪري آڳاٽن عربي مصنفن جي ڀيٽ ۾ سندس راءِ کي اهميت نٿي ڏيئي سگهجي.

افسوس جو هن تاريخي بيت جي لفظن جي هاڻوڪي صورت اهڙي آهي، جو ان مان ڪوبه مطلب نڪري نٿو سگهي. هي بيت برمڪي اُمراء جي تعريف ۾ چيو ويو. جيئن ته سنه ١٨٧هه ۾ هارون الرشيد، جعفر بن يحيٰ برمڪيءَ کي مارايو، ۽ برمڪي خاندان جو خاتمو ڪري ڇڏيو، انهيءَ صورت ۾ ظاهر آهي ته هي بيت سنه ١٨٧هه کان اڳ پڙهيو ويو، ۽ قلمبند ڪيو ويو. ايتري آڳاٽيءَ لکيت جي اصلي صورت سمجهي وڃڻ جو هر امڪان آهي. اول ته جنهن اهو بيت قلمبند ڪيو، تنهن ڪيتري قدر اچار صحيح لکيا، سو

---

(١) 'مُجمل التواريخ والقِصص'، ڇپيل ايران، ص ٣٤٣.
(٢) ابن نورالدين المڪي: "نُزهَةُ الجليس"، جلد ١، ص ٣٥٩. سندس راءِ جو بنياد غالباً انهيءَ سطحي خيال تي آهي ته ڇاڪاڻ جو اهي الفاظ حضرت بلال جي مرقد تي لکيل آهن، انهيءَ ڪري اهو بيت سندس چيل هوندو ـــ حالانڪ حضرت بلال جو مقبرو (دمشق ۾) نسبتاً پوئين دور جو ٺهيل آهي، جنهن تي اها عبارت پوءِ لکي ويئي.

معلوم ڪونهي؛ تنهن کان پوءِ مٿين ٻن مصنفن، جنهن صورتخطيءَ ۾ اهو بيت پنهنجي ڪتابن جي اصلي نسخن ۾ نوٽ ڪيو، سو معلوم ڪونهي؛ اسان وٽ هن بيت جي اهائي صورتخطي موجود آهي، جا ڪاتبن جي سهون ۽ ڇاپي جي غلطين بعد وڃي باقي بچي آهي: انهيءَ ڪري جيڪڏهن اصلوڪا الفاظ ڪٿي اسان جي سمجهڻ جهڙا هجن، ته به هينئر بدليل صورت ۾ اسين انهن کي نٿا سمجهي سگهون.

انهيءَ هوندي به هيءُ آڳاٽو حوالو سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ لاءِ هڪ قيمتي وٿ آهي. سڀ کان اول ته هيءَ سنڌي ٻوليءَ جو عربي صورتخطيءَ ۾ سڀ کان پهريون نمونو آهي؛ ٻيو ته هيءُ حوالو ثابت ٿو ڪري ته سنه ۱۸۷ هجري تائين – يعني ته سنڌ ۾ عربي دور حڪومت جي شروع (۹۳هه) کان تقريباً هڪ سؤ سالن اندر – سنڌي ٻوليءَ ۾ ايتري ادبي صلاحيت پيدا ٿي چڪي هئي، جو ان ۾ اهڙي بهترين شاعري ٿي سگهي، ٿي، جنهن ۾ مرڪزي سلطنت جي وزير جي تعريف ۾ قصيدو منظوم ٿيو؛ ٽيون ته هيءُ حوالو ان وقت جي سنڌي ادبي ذوق جو شاهد آهي: جيڪڏهن هيءُ شاعر سنڌ جي ڪنهن گورنر جي مدد ۽ معاونت سان بغداد پهتو، ته ان مان عرب گورنرن جي سنڌي ادب سان دلچسپيءَ جو ثبوت ملي ٿو؛ شاعر کي جو انعام مليو، سو برمڪين جي مثالي سخاوت جي علاوه، سنڌن سنڌي زبان جي شاعر جي قدردانيءَ جي ساک پري ٿو؛ ۽ پڻ هيءُ حوالو ان وقت جي عرب عالمن ۽ اديبن جي سنڌي ٻوليءَ سان علمي دلچسپي ثابت ڪري ٿو، جو انهن هن بيت کي اصلي زبان جي لفظن ۾ قلمبند ڪري محفوظ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

ان وقت جي عرب عالمن جي سنڌي ٻوليءَ متعلق تحقيق جو بهترين مثال ابن نديم جي قيمتي تصنيف "ڪتاب الفهرست" مان ملي ٿو، جو هن سنه ۳۷۷ هجريءَ ۾ لکيو. هو سنڌ وارن

جي ٻوليءَ ۽ صورتخطيءَ بابت لکي ٿو ته "سنڌ وارن کي مختلف ٻوليون (لغات) ۽ مختلف مذهب آهن؛ ڪين ڪيترن ئي قسمن جا رسم الخط آهن؛ هڪ شخص جو سنڌ مان گهمي آيو آهي، تنهن مونکي ٻڌايو ته 'ڪين تقريباً هڪ سؤ رسم الخط آهن'؛ پڻ چيائين ته 'سنڌ وارا نوَن (۹) تائين جدا جدا انگ لکندا آهن؛ ڏهاڪا هر انگ جي هيٺان هڪ ٻڙي ڏيئي لکندا آهن ('هڪ' جي هيٺان ٻڙي = ۱۰؛ 'ٻن' جي هيٺان ٻڙي = ۲۰ وغيره)؛ سؤ هر انگ جي هيٺان ٻه ٻڙيون ('هڪ' جي هيٺان ٻه ٻڙيون = ۱۰۰؛ 'ٻن' جي هيٺان ٻه ٻڙيون = ۲۰۰ وغيره) ڏيئي، ۽ اهڙيءَ طرح هزار هر انگ جي هيٺان ٽي ٻڙيون ڏيئي لکندا آهن" (۱).

ابن النديم جو قول ته، سنڌ ۾ ڪيئي رسم الخط مروج آهن، سو قابل غور آهي. غالباً آڳاٽي وقت کان سنڌ جي هرهڪ ڳوٺ يا وڏي شهر ۾ جدا جدا صورتخطيون ۽ انگ اکر استعمال ٿيندا هئا، ۽ وينديءَ عربي دور حڪومت تائين اهي آڳاٽيون صورتخطيون ۽ انگ اکر ڪم آندا پئي ويا. هن پوئين دور ۾ اميرن جي ڏينهن تائين، سنڌ جي جدا جدا شهرن ۾ مختلف طريقي جا رسم الخط هئا، جن کي ڪئپٽن اسٽئڪ (Stack) سنه ۱۸۵۰ع ۾ پنهنجي ڇاهيل گرامر ۾ جمع ڪيو آهي.

**ذڪيجا**

راءِ ۽ برهمڻ گهراڻن ۽ عربن جي حڪومت واري دور ۾، سنڌ جي مسلسل سياسي وحدت سببان، سنڌ جي ٻولين ۾ مرڪزيت پيدا ٿي ۽ مجموعي طور سان هڪ عام فهم 'سنڌي ٻولي' جي تشڪيل وجود ۾ آئي. خصوصاً عربن جي دور ۾ سياسي ڏوڙي ديني وحدت سببان مرڪزي 'سنڌي ٻولي'

---

(۱) ڪتاب الفهرست، مصري ڇاپو، ۱۳۴۸هه، ص ۲۷.

ويتر وڌيڪ ترقي ڪئي، حالانڪ ملڪ جي مختلف قومن جون مختلف زبانون پڻ رائج هيون: جيئن ته ابن النديم جي حوالي مان معلوم ٿئي ٿو.

فتح اسلام بعد جيئن پوءِ تيئن عربن جي معاشري ۽ عربي ٻولي جي اثر هيٺ 'سنڌي ٻولي' ۾ وڌيڪ مرڪزيت پيدا ٿي، ٻوليءَ جي نفسياتي ڪيفيت بدلي، ٻوليءَ جي تمدني سرمايي ۾ واڌارو ٿيو، ۽ ٻوليءَ جي سٽاء، صورتخطي ۽ صرف نحو تي اثر پيو. ملڪ ۾ علمي ترقي سببان، 'سنڌي ٻولي' جا عالم ۽ شاعر پيدا ٿيا. عرب عالمن سنڌي ٻولي، ادب تـوڙي صورتخطيءَ ۾ دلچسپي ورتي، ان بابت تبادلهٔ خيالات ڪيو ۽ پنهنجا معلومات پنهنجين تصنيفن ۾ قلمبند ڪيا. سنڌي ٻـولي پهريـون دفعو عربي صورتخطيءَ ۾ لکجڻ ۾ آئي، جنهن جو اوائلي ۽ نادر مثال انهيءَ سنڌي شاعر جي قصيدي جو بيت آهي، جو هن يحيىٰ يا اُن جي پٽ فضل برمڪيءَ جي تعريف ۾ چيو.

---

# باب ٽيون

## 'سنڌي ٻوليءَ' جو تعميري دور

## (سومرن جي حڪومت: ١٠٥٠ - ١٣٥٠ع)

اسين مٿي بحث ڪري آيا آهيون ته راءِ ۽ برهمڻ گهراڻن ۽ عربي حڪومت جي دور ۾ 'سنڌي ٻوليءَ' کي مرڪزيت ملي، ان جي سٽاءَ گهڻي حد تائين مڪمل ٿي، ۽ اها هڪ مکيه عام ملڪي ٻولي بڻي. تقريباً عربن جي حڪومت جي زوال وقت يعني يارهين صديءَ جي شروعات ۾ محقق ابو ريحان بيروني هندوستان ۾ آيو، ۽ اچي هندن جي تهذيب ۽ تمدن بابت تحقيق ڪيائين. هن پنهنجي ڪتاب "الهند" ۾ ڪن جاين تي سنسڪرت جا الفاظ ۽ اصطلاح، توڙي عام مروج مقامي ٻوليءَ جا الفاظ ۽ اصطلاح ڏنا آهن: اهي مقامي الفاظ ۽ اصطلاح، بقول پروفيسر سخاؤ، لڳ ڀڳ سنڌي ٻوليءَ جا آهن*. بيروني پنهنجي تحقيق ملتان ۽ ان کان مٿي لاڳيتي پاڳي ۾ ڪئي، جنهن مان سمجهجي ٿو ته سنڌي ٻوليءَ جا الفاظ، پنهنجي لغوي ۽ ادبي فوقيت سببان، ملتان واري مٿين اراضيءَ تائين پکڙجي ويا هئا. درحقيقت سنڌي ٻوليءَ جي اهائي لغوي ۽ ادبي صلاحيت هئي، جنهن سومرن واري روماني دور جون ضرورتون پوريون ڪيون.

١. 'سنڌي ٻولي' جي اسرڻ لاءِ تاريخي ۽ سياسي اسباب:

سومرن جو عروج سنڌ جي مقامي سياسي طاقت جو عروج هو،

* ڏسو "ڪتاب الهند" (عربي متن، تصحيح پروفيسر سخاؤ) مقدمو، ص ٢٥

جو سنڌي ٻوليءَ جي اوسر ۽ ارتقاء لاءِ هڪ مکيه سبب بڻيو. اٺين صدي عيسوي جي شروعات ۾ محمد بن قاسم جي فتح وقت (٧١١ع) سنڌ ۾ سومرن جو ذڪر ڪونه ٿو ملي؛ پر محمد بن قاسم فقط سنڌ جي الهندين ۽ وچين ڀاڱي مان لنگهيو، جتي سما، سهتا، جت، لاکا، لوهاڻا، چنا وغيره قومون آباد هيون. ان وقت غالباً سنڌ جي ڏکڻ-اڀرندين ڀاڱي، خصوصاً موجوده اڀرندي ناري واري اراضي ۽ ڪڇ-سنڌ جي وچ واري سرحد تي آباد هئا. پر ٽي سؤ ورهيه کن پوءِ، يارهين صدي عيسويءَ جي شروع ۾ ”راڄپال عرف ابن سومار“ نالي هڪ سردار جو ذڪر عربي مأخذن ۾ ملي ٿو، جو غالباً پهريون سومرو سردار هو، جنهن کي سنڌ ۽ ملتان جي سياست ۾ قدري دخل هو. غالباً انهيءَ وقت کان وٺي سومرن جي طاقت اسري ۽ ٻارهين صدي جي آخر ۾، عربي حڪومت جي زوال بعد، سنه ١٠٥٠ع ڌاري سومرا سنڌ جا حڪمران بڻيا. سومرن جي حڪومت جو اوائلي مرڪز غالباً سنڌ ۽ ڪڇ جي وچ واري اراضي هئي، ۽ انهيءَ اوائلي دور ۾ سومرن جون ڪڇ ۽ گجرات واري سرحد تي گجرن سان لڙائيون ٿيون. انهن لڙاين ۾ ڪامياب ٿيڻ ۽ پنهنجي طاقت کي برقرار رکڻ لاءِ سومرن کي سنڌ ۽ ڪڇ جي سمن، توڙي ٿر جي سوڍن جي تعاون جي ضرورت ٿي، جنهنڪري سما ۽ سوڍا سردار سومرن جي حڪومت ۽ طاقت جو جزو بڻيا. ڪڇ جي نسبتاً آڳاٽين روايتن ۾ جن نالي وارن سردارن جو ذڪر اچي ٿو ۽ جيڪي سومرن بادشاهن جا حامي هئا، تن ۾ سمن مان چام پونئڙو ۽ ان بعد سورهيه سردار ابڙو، ۽ سوڍن مان راڻو مينڌرو، جو همير جو وزير هو، مشهور آهن. ’گجرات-ڪاٺياواڙ‘ واري سرحد تي لڙاين، اروڙ وٽان درياء جي ڦيرڻ گهيرڻ ۽ اڀرندي ناري واري قديم ڦاٽ ۾ پاڻي جي گهٽ-وڌائي سببان، سومرن جي حڪومت جا مرڪز پڻ اڀرندي کان الهندي (سنڌ طرف) ڏانهن منتقل لڳا. غالباً

سومرن جي سياسي طاقت جا اوائلي مرڪز ’ڏوري‘ جي آباديءَ جي سهاري سان قائم هئا، ۽ انهيءَ لحاظ سان ’وڳه ڪوٽ‘(١) ۽ عمرڪوٽ آڳاٽا مرڪز قرار ڏئي سگهجن ٿا. ان بعد الهندي طرف ’ڏوري پراڻ‘ جي آباد اراضي ۽ ان جو ڏاکڻيون دو-آبو سومرن جي طاقت جو مرڪز بڻيو، جتي ’ٿَرِي‘(٢) ۽ ’رُوپاه‘(٣) سندن طاقت جا مرڪز بڻيا. ان بعد غالباً ستين صدي هجري (تيرهين صدي عيسوي) جي شروعات ۾ ’ڏوري پُراڻ‘ ۾ پاڻي جي گهٽ وڌائي سبب، سومرن جي حڪومت جو مرڪزي دائرو اڃان به الهندي طرف ’لوهاڻي-پَتِيِهَل‘ ڏورن جي آباد اراضي طرف وڌيو ۽ موجوده ٺٽي ضلعي ۾ الهندي طرف ديبل بندر ۽ اپرندي طرف ’محمد طور‘(٤) سندن پوئين دور واري حڪومت جا مرڪزي شهر بڻيا. سنه ٦٢١هه/١٢٢٤ع ۾ ديبل جو حاڪم ’سنان الدين چنيسر‘ هو(٥)، جو جلال الدين خوارزمشاهي جي حملي وقت ديبل ڇڏي ڀڄي ويو. ’محمد طور‘ غالباً سومرن جو آخري تختگاهه هو.

مٿئين تاريخي سلسلي مان ظاهر آهي ته جيئن پوءِ تيئن سومرن جو الهنديءَ لاڙ طرف، خاص سنڌ جي اراضي سان واسطو وڌيو، جنهن جو اقتصادي

(١) جنهن جا ڪنڊر ’رهموڪي بازار‘ کان چار ڪوه کن ڏکڻ اوڀر طرف ڪڇ جي رڻ ۾ موجود آهن.

(٢) ’ٿري‘ جا شاهي ڪنڊر تعلقي ماتلي ۾ (ماتلي کان) ٦ ميل اتر اوڀر طرف واقع آهن.

(٣) هن شهر جا ڪنڊر ’روپاه ماڙي‘ جي نالي سان بدين کان اوڀر-ڏکڻ طرف ۽ موجوده ڳوٺ ’ڪيڏڻ‘ کان ٦ ميل کن اولهه-ڏکڻ طرف موجود آهن، جتي مقامي روايت مطابق ’دودي‘ ۽ ’چنيسر‘ جي قبرستان جا نشان پڻ موجود آهن.

(٤) ’محمد طور‘ جا ڪنڊر تعلقي جاتي ۾ موجوده بستي ’شاه ڪپور‘ جي ڏکڻ اوڀر طرف لڳولڳ هڪ وڏي اراضي ۾ پکڙيل آهن، جتي شهر جي جامع مسجد جي بناءُ جا نشان اڃان تائين چٽا ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

(٥) ڏسو اڳتي حاشيه ص ٥٦

جالتن سان گڏ ٻيو وڏو ڪارڻ سنڌ جي طاقتور سما قوم سان سندن سياسي ۽ سماجي تعلق هو. مقامي روايات مطابق سومرن جي دور جي پوين حاڪمن جو، سمن سردارن سان سڱابندي جو رشتو پڻ ثابت ٿئي ٿو، جيئن ته 'چام هالي' جي ڌيءَ 'ٻاگهي' حمير سومري جي گهر ۾ هئي. سمن ۽ سومرن جي انهيءَ سياسي ۽ سماجي سنٻنڌ سببان سمن جي نج سنڌي ٻولي حڪمرانن جي ٻولي بڻي ۽ عوام جي زبان تي ان جو اثر پوڻ لڳو.

سومرن جي دور جي انهيءَ تاريخي - جغرافيائي پس منظر جي روشني ۾، سنڌي ٻولي جي ڦهلاءَ بابت هيٺيان نتيجا نروار ٿين ٿا: اول ته حڪمرانن جي زبان جو حڪومت جي حدن اندر توڙي سرحدن تائين وڏو اثر ٿئي ٿو ڏکڻ - اوڀر سنڌ ۽ سنڌ - ڪڇ جي سرحد، سومرن جي حڪومت جي خاص اثر ۽ طاقت جو مرڪز بڻيا، ۽ انهيءَ مرڪزي اراضيءَ ۾ 'سنڌي ٻولي' پکڙي. سومرن جي اوائلي دور ۾، سومرن جي طاقت جو رخ ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ گجرات واريـن سرحدن طرف رهيو؛ انهيءَ ڪري ڪڇ طرف سومرن، سمن ۽ ٻين سنڌي قومن جون بستيون قائم ٿيون، ۽ ڪڇ ۾ 'سنڌي ٻولي' پکڙي. گجرن سان سومرن جون لڙايون اهو اهڃاڻ ڏين ٿيون ته 'سنڌي ٻولي' ۽ ڪاٺياواڙ ۽ گجرات جي ٻولين جو هڪٻئي سان واسطو شروع ٿيو. سومرن جون ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ طرف متعدد بستيون (جي ١٩٤٧ع پاڪستان جي قائم ٿيڻ تائين سلامت هيون) انهيءَ آڳاٽي دور جي سياسي ۽ معاشرتي اثر جون يادگار آهن. ٻيو ته عمرڪوٽ ۾ سومرن جي سياسي مرڪز ۽ سوڍن سان سنٻنڌ سببان سنڌي ۽ سوڍن جي ڍري ٻولي جي محاورن (ڍاٽڪي، پارڪري وغيره) ۾ گهاٽو تعلق ٿيو ۽ سنڌي ٻولي ڍر واري خطي ۾ پکڙي. ٽيون ته سومرن جي حڪومت جي اوائلي دور بعد

جيئن ئي سندن سياست ۽ طاقت جا مرڪز، الهندي طرف خاص سنڌ واري اراضي ۾ منتقل ٿيا ته سمن ڪي سومرن جي حڪومت ۾ وڏو دخل ٿيو، جنهنڪري 'سمن جي ٻولي'، جا سندن وچ سنڌ وارين قديم بستين سببان نسبتاً صاف 'سنڌي ٻولي' هئي، ۽ حڪومت جي زبان بني ۽ ان سنڌي ٻولي جي عروج لاءِ ميدان هموار ڪيو. ڇوٿون ته سومرن جي حڪومت، عربي حڪومت جي جاءِ نشين هئي ۽ انهيءَ ڪري لاشڪ جو دستور موجب 'عربي' سومرن جي دور جي تعليمي سلسلي ۽ سرڪاري ڪاروبار جي زبان طورجاري رهي. سومرن، عربي حڪومت جي دورجي پڇاڙي ڌاري اسلام قبول ڪيو ۽ غزنوي طاقت جي اثر هيٺ شرع اسلامي جا علمبردار ٿيا*. سومرن بادشاهن جا اختيار ڪيل لقب- مثلاً 'عصام الدين'

* سما، سهتا، لاکا، چنا، جت، لوهاڻا ۽ ٻيون قومون، جي سنڌ جي وچين خطي ۾ آباد هيون، سي محمّد بن قاسم جي فتح وقت سنئون سڌو عربن سان لهه وچڙ ۾ آيون ۽ انهن غالباً سڀ کان اڳ اسلام قبول ڪيو. سومرن جون بستيون اوپر طرف اپرندي ناري واري خطي ۾ هيون ۽ انهن غالباً پوءِ اسلام قبول ڪيو. ڪن تاريخي حوالن جي بناء تي چئي سگهجي ٿو ته سومرا غالباً ٻهريائين اسماعيلي مبلغن ذريعي پنجين صدي هجري (يارهين صدي عيسوي) جي شروع ۾ (١٠١٠ع بعد) اسماعيلي متن مطابق مسلمان ٿيا. 'شام' جي 'دُرُوزي' اسماعيلي فرقي طرفان جو 'راجپال عرف ابن سومار' ڏانهن سنه ٤٢٣ هه ١٠٣٢ع ۾ لکيل خط جو دروزي مبلغ بهاوالدين جي ڪتاب ۾ موجود آهي، انهيءَ نظريي جي پنيرائي ڪري ٿو. الهيءَ خط ۾ 'ابن سومار' جي عزيزن جا ڏيهي توڙي عربي نالا ملن ٿا، جنهن مان گمان نڪري ٿو ته سندس پيءُ سومار ۽ سندس گهراڻو 'اسماعيلي' فرقي ۾ شامل ٿيا. راجپال ڪي ملتان جي سردار 'دائود' ڪي اسماعيلي متي تي موٽڻي آڻڻ ۽ ملتان جي باشندن خلاف ڪارروائي ڪرڻ لاءِ پڙڪايو ويو آهي، جو غالبا اهي غزلوين جي فتوحات سببان اسماعيلي متي کان ڦري ويا هئا. (ابن سومار ڏانهن لکيل خط لاءِ ڏسو 'اليٽ جي مقامي مأخذن مطابق تاريخ هندوستان' جلد ١، تصحيح ڊائوسن، لنڊن،

(باقي حاشيه ص ٥٦)

غور طلب ڳالھ ھيءَ آھي تہ اٽڪل روءِ عربن جي دور جي خاتمي ۽ سومرن جي دور جي شروعات کان انھن قصن ۽ داستانن جا بنيادي ٿڏا لڳا ۽ سومرن واري دور ۾ اھي آسريا ۽ زبان زد عام ٿيا. انھيءَ لحاظ سان چئي سگھجي ٿو تہ سومرن واري دور ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ بيان جي ادائگي ۽ صلاحيت پيدا ٿي چڪي ھئي، جنھن جي ڪري انھن قصن ۽ داستانن جي ابتدائي واقعن کي ويچاريو ويو، جو اھي ھميشہ لاءِ زباني روايتن ذريعي محفوظ ٿي ويا.

٣. سومرن جي دور جي جنگين بابت ڳاھون. سنڌ جي موجوده عام مقبول روايتن ۾، سومرن جي دور جي ڪن مشھور لڙاين ۾ سومرن حاڪمن ۽ سنڌ جي ٻين سردارن جي سورھيائي بابت ڳايل داستانن ۾ ’ڳاھون‘ ۽ ’بيت‘ ملن ٿا، جن مان گھڻا ڏٺا جيتوڻيڪ پوئين دور جي قصي خوان ڀانن، ڀٽن، چارڻن ۽ ٻين سگھڙن جا چيل ٿا ڀانئجن، پر ڪي ’ڳاھن وارا بيت‘ اھڙا آھن، جي تاريخي آھڃاڻن توڙي ٻوليءَ جي قدامت جي لحاظ سان ڪافي آڳاٽا معلوم ٿا ٿين. ۽ گمان غالب آھي تہ اھي سومرن جي دور جا چيل ھجن ۽ مسلسل صدري روايتن ذريعي سينو بہ سيني اسان تائين پھتا آھن. اھي ڳاھن وارا تاريخي بيت خصوصاً سومرن جي دور جي ٽن مشھور معرڪن ـ سومرن ۽ گجرن جي لڙاين، سومرن ۽ سلطان علاؤالدين جي لشڪر جي جنگين، ۽ آخري سومري بادشاھ ھمير سان چام ھالي ۽ سنڌ جي ڀٽن جي مقابلن ـ سان تعلق رکن ٿا. موجوده عام مروج صدري روايتن جي بناء تي ھيٺ انھن جنگين تي مختصر طور روشني وڌي وڃي ٿي.

(الف) سومرن ۽ گجرن جون جنگيون. اسان مٿي چئي آيا آھيون تہ سومرن جي طاقت جي عروج واري اوائلي دور ۾، غالباً سومرن جون ڪڇ ۽ گجرات واري سرحد تي

اچڻ ثابت ٿئي ٿو(١) سنڌ جي هڪ مقامي روايت موجب ان وقت 'اسدالملة' دودو سومرو حڪمران هو، جنهن سنه ٧٠٠ھ (١٣٠٠/١٣٠١ع) ۾ وفات ڪئي(٢). جيڪڏهن ٦٩٧ ھ کان ٧٠٠ھ واري عرصي ۾ سلطان علاؤالدين جي سپهسالار ۽ سومرن جي وچ ۾ جنگيون فرض ڪجن، تہ پوءِ اهي مقابلا سومرن جي دور جي خاتمي کان اٽڪل پنجاهہ سٺ سال ڪن اڳ ٿيا. انهيءَ لحاظ سان چئبو تہ 'دودي-چنسر ۽ علاؤالدين' جو جنگي داستان سنه ٧٠٠ھ بعد، يعني اٺين صديءَ جي شروعات کان وٺي ڳائجڻ لڳو ۽ اڄ ڏينهن تائين پيو ڳائجي.

هيءَ قصو سنڌ جو هڪ ڪهنو جنگي داستان (Epic) آهي، جنهن جو بنياد يقيني طور سومرن ۽ دهلي جي سلطان جي ڪا خونخوار لڙائي آهي؛ البت انهيءَ داستان جي ساخت ۽ سٽاءَ ۾ سنڌ جي پيشہور قصہ خوانن، خصوصاً پانن ۽ ڀٽن، چارڻن ۽ سگهڙن جو وڏو هٿ آهي. هن رزميہ داستان جي روايتن ۾ ڪيئي بيت ۽ ڳاهون شامل آهن، جن مان گهڻيون غالباً پوءِ جون آهن، مگر ڪي بيت ۽ ڳاهون البت آڳاٽا معلوم ٿين ٿا، ۽ ٿي سگهي ٿو تہ سومرن جي آخري دور جا هجن. جهونجهارن جي هن جنگ ۾، دودي ۽ سندس سائين جي مارجڻ بعد آخرڪار چار ابڙي سمي، سومرن جون ساموڻ جهليون ۽ ٻال ٻچا مٿانئن گهوري سورهيہ ٿي سر ڏنائين. انهيءَ ڪري سومرن سردارن جي بهادريءَ سان گڏ سردار ابڙي سمي جي سورهيائيءَ ڪي پڻ ساراهيو ويو ۽ سندس سورهيائي بابت

---

(١) ڏسو 'تاريخ فيروزشاهي' (تصنيف ضياء بَرني، سنه ٧٥٨ ھ) مطبوع ڪلڪتو، ١٨٦٢ع، ص ص ٢٥٣-٢٥٤؛ ۽ 'طبقات اڪبري' (تصنيف نظام‌الدين بخشي، سنه ١٠٠٢ ھ)، مطبوع ڪلڪتو، ١٩٢٧-١٩٣٥ع، جلد ١، ص ١٤٢.

(٢) ڏسو 'دولت علويہ يا سومرن جي حڪومت' (تاليف مولوي عبيدالله 'شائق')، مطبوع ١٩٢٩ع.

- يعني ته ڏوري راهه، جنهن جيي چارڻ سان دشمني آهي، سو ڏکي ضعيف ٿي چڙي مري؛ سندس شهر ’پٽڻ‘ ڦٽي پوئو (پٽي) ٿيو، ۽ هاڪڙي (سيج) درياءَ سڪي ساهه ڇڏيو؛ همير سومري پڇاڙا (سندن حڪومت جو خاتمو ٿيندو ۽) سومرا راڄ ٿي کين ڪندا.

بقول ’تحفة الڪرام‘، سومرن جو آخري حاڪم همير هو، جنهن کان سمن حڪومت کسي. انهيءَ جي تصديق سلطان فيروز شاهه طرفان ملتان جي گورنر عين الملڪ ماهرو جي خطن مان ٿئي ٿي، جيڪي هن سنه ١٣٥٢ع کان ١٣٦٥ع واري عرصي ۾ لکيا. هو لکي ٿو ته ’هن وقت سومري حاڪم همير پٽ دودي جي حڪومت جو سلو سڪي رهيو آهي؛ محض سلطان جي مدد سان ئي قدري ساڻو ٿيو بيٺو آهي. ٻئي طرف، سمو ڄام ٻانڀڻيو پٽ اُنڙ سندس سرڪشيءَ ۽ طاقت سببان اُڀري رهيو آهي‘*. ڇٽي نٿو سگهجي ته همير سومري کان ڪهڙي سال ۾ حڪومت کسي ويئي، يا ڪڏهن وفات ڪيائين؛ پر جيئن ته سلطان فيروز شاهه ١٣٦٥-٦٦ع ڌاري ٺٽي تي حملو ڪيو، انهيءَ مان گمان نڪري ٿو ته لڳ ڀڳ ١٣٦٥ ڌاري همير سومري جي حڪومت جو خاتمو ٿيو. انهيءَ لحاظ سان، مٿين بيت جو زمانو به اندازاً ١٣٥٢ کان ١٣٦٥ع وارو عرصو قرار ڏيئي سگهجي ٿو. ’تاريخ طاهري‘ جي روايت مطابق پڻ سومرن جو خاتمو سمن زميندارن جي وڌندڙ طاقت سببان ٿيو. مٿين روايت مان ظاهر آهي ته سمن ڄامن، پنهنجي خوشحاليءَ سببان سخاوت ڪري پئي چارڻن کي نوازيو، جن سڄي ملڪ ۾ وڃي ٿي سندن ڳڻ ڳايا. چارڻن جون اهي ڪيرتون پڻ سمن لاءِ هڪ قسم جي پروپئگنڊا هيون، ۽ انهيءَ ڪري سومرن کي ڏکيون ٿي لڳيون؛ تنهنڪري غالباً ڪن سومرن حاڪمن

* ڏسو ”انشاى ماهرو“ (منشات عين الملک عين الدين عبدالله بن ماهرو)، مطبوع ’شعبه تاريخ مسلم يونيورسٽي، علي ڳڙهه‘، ص ٨٧.

# باب چوٿون

## معياري سنڌي ٻولي جو ارتقاء ۽ سنڌي شعر جي تاريخي ابتدا

### (سمن جي حڪومت وارو دور ۱۳۵۰ - ۱۵۲۰ ع)

’سومرن جو دور‘ سنڌي ٻوليءَ ۾ بيان جي وسعت، قصن ڪهاڻين جي اوسر، ۽ ادبي صلاحيت جي نشو و نما وارو ’تعميري دور‘ هو، جنهن ۾ عشقيه داستان ۽ قصا رائج ٿيا ۽ سنڌي شعر ڳاهن جي صورت ۾ نمودار ٿيو. سمن جي اوائلي دور ۾، سنڌي ٻولي ۽ ساهت جي انهيءَ ’تعميري دور‘ جي تڪميل ٿي. ’سمن جي دور‘ جي شروعات ۾ سنڌي ٻولي جون لساني خصوصيتون خواه ادبي روايتون، ساڳيون سومرن جي دور واريون رهيون؛ البت ٻوليءَ ۾ قوتِ بيان اڳ پيدا ٿي چڪي هئي، جنهنڪري هاڻي ان جي ترقي جا دروازا کلي پيا ۽ ان جي لساني سرمايي ۾ وڏي وسعت پيدا ٿي. قصن ۽ ڪهاڻين کي هڪ ’ادبي فن‘ جي درجي تي پهچايو ويو، ڳاهن سان ڳالهيون عام مروج ٿيون، ۽ سنڌي ’بيت‘ هيئت جي لحاظ سان تڪميلي صورت کي پهتو ۽ عام مروج ٿيو. سمن جي دور سان سنڌي شاعريءَ جي تاريخي دور جي شروعات ٿي.

**(الف) سمن جي دور جو تاريخي پس منظر: سنڌي ٻولي جي ترقي جا اسباب.**

سمن جي طاقت جو عروج، ڄام اُنڙ جي سرداري سان شروع ٿيو، جنهن سنه ۷۳۳-۳۴ ھ ڌاري بغاوت ڪري دهلي طرفان سيوهڻ جي گورنر ’ملڪ رَتن‘ کي ماريو ۽ بالاخر

سنه ٥١-٧٥٠ هه (١٣٥٠ع) ڌاري 'ٺٽي جي ڄام' جي حيثيت ۾ خود مختار حڪومت قائم ڪئي*. سنه ٩٢٦هه (جنوري ١٥٢٠) ۾ شاه بيگ ارغون ٺٽو فتح ڪيو ۽ سمن جي آزاد حڪومت جي پڄاڻي ٿي. سمن جي دور جا اهي ٻوٽا ٻه سؤ ورهيه سنڌ جي اندروني ڀاڱن ۾ 'معياري سنڌي' جي ارتقاءَ لاءِ ۽ سنڌ جي سرحدن کان ٻاهر عام سنڌي ٻولي جي پکڙجڻ لاءِ نهايت مفيد ثابت ٿيا. سمن جي دور جا هيٺيان سياسي ۽ سماجي پهلو انهيءَ دور ۾ سنڌي ٻولي جي تاريخي حيثيت کي سمجهڻ لاءِ خاص اهميت رکن ٿا.

١. معياري سنڌي ٻولي جو ارتقاء. سمن جا مکيه قبيلا آڳاٽي وقت کان وٺي سنڌ جي وچولي اراضي ۾ رهندڙ هئا. اٺين صدي عيسوي جي شروعات ۾ محمد بن قاسم جي فتح وقت "ساوندي سمه" ("سمن جي ساوڙي"، يعني 'سمن ساوڙي' واري اراضي، جا هن وقت نواب شاه ضلعي جي نواب شاه تعلقي ۾ آهي) سمن جو هڪ مکيه مرڪز هئي. ڇهه سؤ ورهيه کن پوءِ چوڏهين صدي عيسوي جي وچ ڌاري، سمن جي طاقت جو عروج ڄام اُنڙ سان ٿيو، جنهن اول سيوهڻ تي قبضو ڪيو. ان مان ظاهر آهي ته ان وقت به سمن جي طاقت جو مرڪز اهوئي وچولي وارو خطو رهيو. ڄام اُنڙ يقيني طور سمن جي 'اُنڙ برادري' جو سردار هو، ۽ سمن جي نسبنامي توڙي تاريخي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته انهيءَ برادري ۾ ڪم ازڪم پنج مکيه قبيلا - اُنڙ، ڏاهري، ساند، ساريا ۽ ڪيريا - شامل هئا. سمن جي حڪومت جي ختم ٿيڻ بعد به اهي قبيلا ڪافي طاقتور رهيا، ۽ ارغونن،

* ڏسو اسان جو انگريزي ۾ مضمون "سنڌ جي سمن حاڪمن جو سلسلهٔ حڪومت"، پاڪستان هسٽاريڪل ريڪارڊ اينڊ آرڪائيوز ڪميشن جي ٻئي اجلاس (پشاور، فبروري ١٩٥٤ع) جي ڪارروائي، پاڪستان گورنمينٽ پريس، ڪراچي، ١٩٥٧ع، ص ص ٢٣-٢٩.

ترخانن ۽ مغلن جي علائقائي گورنرن، سپهه سالارن ۽ فوجن سان سندن مقابلا ۽ معاهدا ٿيا*. انهيءَ دور جي مکيه تاريخي مأخذن، خصوصاً 'بيگلارنامي' ۽ 'تاريخ مظهر شاهجهاني' جي مطالعي مان انهن قبيلن جي مکيه بستين ۽ طاقت جي مرڪزن جو پتو لڳي ٿو. ان وقت جا سيوهڻ، 'خطو' ۽ نصرپور علائقا ('سرڪارون')- يعني ته موجوده تعلقا ڪوٽڙي (اتريون حصو) سيوهڻ (ڏکڻ اولهه)، مورو(ڏکڻ)، سڪرنڊ، نواب شاهه، شهدادپور، ٽنڊو الهيار (اتر)، ۽ وينڌي ميرپور تعلقي جي حدن تائين- انڙ قبيلن جي ڳوٺن، آبادين ۽ قبائلي جمعيت واري اراضي هئي، ۽ خاص طرح موجوده سڪرنڊ تعلقي ۾ (جتي اڃان تائين انڙن جو سردارگهر آباد آهي) 'لاڪاٽ' وارو پاڳو سندن طاقت جو مرڪز هو. بهرحال، اٺين صدي کان وٺي سورهين صدي تائين، تاريخي حوالن جي بناء تي ڪافي وثوق سان چئي سگهجي ٿو ته اها وچولي واري اراضي، سمن جي مکيه قبيلن جو مرڪز هئي ۽ سمن جي طاقت ۽ حڪومت جو بنياد پڻ انهن وچولي واري اراضي جي سمن سردارن وڌو. انهيءَ ڪري سمن جي دور ۾ انهن سمن قبيلن جي مادري ٻولي- يعني ته وچولي واري سنڌي ٻولي- حڪمرانن جي ٻولي جي حيثيت اختيار ڪئي ۽ ملڪ جي 'معياري ٻولي' بڻي. ازانسواءِ سنڌ جو اتريون پاڳو پڻ سمن جي حڪومت ۾ هميشه لاءِ شامل ٿي ويو ۽ اتر- وچولي واري ٻولي، جا سمن جي اراضي جي

---

* ترخانن جي دور ۾ انڙ قبيلن ميرزا محمد باقي جي' خلاف ميرزا جان بابا جي مدد ڪئي ۽ شاهه قاسم خان 'خان زمان' سان گڏجي ميرزا محمد باقي جي طرفدارن سان مقابلا ڪيائون (بيگلارنامو). ان بعد مغلن جي دور ۾ ٺٽي جي گورنرن جي نائبن ۽ سندن فوجن سان خوب چوٽون ڪاڏائون. حڪومت جون فوجون زور سان ڪين مطيع ڪري نه سگهيون، جنهنڪري ساڻن معاهدن ذريعي امن امان قائم ڪيائون (مظهرشاهجهاني).

وڏيڪ ويجهي هئي، تنهن ني پڻ معياري ٻولي جو رنگ چڙهيو ۽ 'وچولي واري معياري ٻولي' جو دائرو وسيع ٿيو ۽ ٻئي طرف سمن حاڪمن ٺٽي کي پنهنجي گادي بنايو، جنهنڪري لاڙ جي قديم قبيلن ۽ قومن تي هن 'معياري ٻولي' جو اثر پوڻ لڳو.

٢. سنڌي ٻولي جي سرحدن جو وسيع ٿيڻ. سمن جي دور ۾، سنڌي ٻوليءَ جون سرحدون ڏکڻ اوڀر ڪڇ ۽ گجرات طرف، اولهه ۽ اتر اولهه بلوچستان طرف، ۽ اتر ڏانهن بهاولپور ۽ ملتان طرف وڌيون، ۽ انهن سرحدن طرف سنڌي ٻولي جو ڀين پاڙيسري ٻولين - خصوصاً گجراتي، بلوچي ۽ لهندا (سرائڪي) - سان عمل ۽ رد عمل شروع ٿيو.

اول ته سمن جي حڪومت ۾ ڪڇ ۾ سمن قبيلن جي آبادي وڌي ۽ اهي قبيلا ڪاٺياواڙ ۽ گجرات وارين سرحدن تائين پکڙجي ويا، انهيءَ ڪري ڪڇ ۾ 'سنڌي ٻولي' هڪ عام مقامي زبان طور هميشه لاءِ رائج ٿي وئي. سومرن جي طاقت جي زوال ۽ سمن جي عروج سببان غالباً سومرن جي ڪافي آبادي سنڌ جي سرحد ۽ ڪڇ واري اراضي مان لڏي وڃي ڪاٺياواڙ وسايو، جنهنڪري ڪاٺياواڙ جي حدن اندر پڻ سنڌي قبيلن سان گڏ سنڌي ٻولي داخل ٿي. ازانسواءِ سمن جي دور ۾ سنڌ ۽ گجرات جي وچ ۾ خاص سياسي تعلق قائم ٿيو، جو ويندي سمن جي دور جي آخر تائين قائم رهيو. سنڌ جي سمن حاڪمن توڙي گجرات جي سلطانن، دهلي جي بادشاهن کان بي‌نياز ٿي، پنهنجن آزاد حڪومتن قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهنڪري پاڻ ۾ دوستيءَ جا ناتا ڳنڍيائون. سمي ڄام تغلق (٨٣١-٨٥٧هه) جي حڪمراني ۾ اهي دوستاڻا سياسي تعلقات وڌيڪ پختا ٿيا، جو سنڌ جي حڪمران خاندان ۽ گجرات جي سلطانن ۾ سڱابندي جو سلسلو شروع ٿيو. پنهنجي آزادي کي برقرار رکڻ لاءِ، سمن بادشاهن کي خاص طرح گجرات جي سلطانن توڙي عوام جي مدد ۽ معاونت جي ضرورت هئي،

انهيءَ ڪري ڄام تغلق پنهنجون ٻه نياڻيون گجرات جي ٻن با اثر خاندانن ۾ پرڻايون: هڪ نياڻي 'بي بي مغلي' گجرات جي سلطان محمد ــ اول (۸۴۵-۸۵۵ھ) کي ڏنائين، جنهن مان گجرات جو مشهور سلطان محمود بيگڙو ۲۰- رمضان ۸۴۹ھ، تي ڄائو. ٻي نياڻي 'بي بي مُرڪي' گجرات جي مشهور درويش حضرت شاهه عالم کي ڏنائين، جو سمن حاڪمن جي روحاني پيشوا حضرت بهاؤالدين ذڪريا ملتاني جي سلسلهٔ طريقت جي بزرگ مخدوم جهانيان 'جهان گشت' جي اولاد مان هو. هن ٻن بزرگ سان سمن جي رشتي سبب گجرات جي عوام ۾ پڻ سنڌ جي حڪمرانن لاءِ همدردي ۽ محبت جي جذبي جو بنياد پيو. بهرحال، سمن جي دور ۾ سنڌ جي سمن حاڪمن ۽ گجرات جي سلطانن جي وچ ۾ سياسي ۽ سدا جي تعلقات، ۽ سمن حاڪمن جي گجرات جي بااثر صوفي بزرگن سان رشتيداري سببان سنڌ ۽ گجرات جي عوام جي درميان پاڙيسري ناتا وڌيڪ گهاٽا ۽ پختا ٿيا، ۽ ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ واپار سان گڏ ماڻهن جي آمدورفت وڌي؛ انهيءَ ڪري هڪ طرف گجراتي الفاظ ڪڇ جي سنڌي محاوري ۾ داخل ٿيا ته ٻئي طرف وري ڪي سنڌي الفاظ ڪاٺياواڙ واري علائقي جي گجراتي ٻوليءَ ۾ داخل ٿيا.

پيو ته ٿتو سمن جي گادي بنيو، جنهنڪري سنڌ ن طاقت ۽ سياسي اثر اولهه طرف وڌيو ۽ ڪوهستاني علائقي ۾ 'سنڌي ٻولي' رائج ٿي. غالباً سمن جي طاقت جي عروج وقت، يا ان کان به ڪافي اڳ، سنڌي قومن ۽ قبيلن ڪوهستاني علائقي کان اجان به اولهه طرف وڌي وڃي موجوده لس ٻيلي ملڪ ۾ پنهنجون بستيون قائم ڪيون، جنهنڪري ويندي لس ٻيلي واري علائقي تائين 'سنڌي ٻولي' رائج ٿي. انهن سنڌي قبيلن مان خاص طرح رونجهن اتي پنهنجي سرداري قائم ڪئي ۽ سنڌ ن ڄامن مان 'سپڙ ڄام' مشهور ٿي گذريو، جنهن جي سخاوت جا قصا مشهور آهن. رونجها خالص سنڌي قوم هئا، جنهنڪري

شروعات ڏاري اتر سنڌ (بهاولپور جي حدن سميت) ۾ خالص سنڌي ٻولي سان گڏ سرائڪي ٻولي پڻ رائج هئي ۽ لکجڻ ۾ ٿي آئي. ٻيو ته خاص سرحدي ڀاڱن ۾ مقامي لحاظ سان انهيءَ خطي جي ڏي ٻولي سرڪاري ڪتبن ۾ استعمال ٿي ڪئي وئي.

۴. تعليمي ۽ سرڪاري ٻولي. 'باب ٽئين' هيٺ بيان ٿي چڪو آهي ته عربن جي حڪومت کان پوءِ سومرن جي دور ۾ پڻ غالباً دستور موجب عربي سرڪاري زبان طور جاري رهي. ازانسواءِ سومرا دين اسلام ڏانهن متوجه ٿيا ۽ انهيءَ ڪري عربي ذريعي تعليم جو سلسلو جاري رهيو. سمن قبيلن سومرن کان اڳ دين اسلام قبول ڪيو هو، انهيءَ ڪري سمن قبيلن ۾ عربي تعليم جو سلسلو نسبتاً اڳاٽو رائج هو. هڪ تاريخي حوالي موجب 'ساوندي' (ساوڙي) جي اميرمحمد سمي جي وساطت سان سنسڪرت ۽ ٻين ڪن ڏيهي ٻولين مان عربي ۾ ترجما ٿيا(۱). سومرن جي دور جي آخر ۾ سما قبائل حضرت بهاؤالدين زڪريا جي تبليغ ۽ روحاني فيض سببان شرع اسلام ڏانهن ويتر گهڻو متوجه ٿيا ۽ منجهائن ڪيترائي صوفي درويش ۽ بزرگ پيدا ٿيا، جن سنڌ ۾ اسلامي تبليغ ۽ تعليم کي عوام ۾ رائج ڪيو. انهيءَ ڪري تعليمي ذريعي طور عربي سنڌ ۾ وڏيڪ رائج ٿي. سمن حاڪمن ذاتي طور درسي ڪتابن لکائڻ ۾ ڪوشش ورتي، جنهن جو ثبوت ان دور ۾ 'منطق' بابت لکايل هڪ درسي ڪتاب مان ملي ٿو، جو اتفاقاً زماني جي دستبرد کان بچي ويو آهي ۽ اڄ ڏينهن تائين قلمي صورت ۾ موجود آهي(۲). منطق جي درسي ڪتاب "شمسيه

---

(۱) ڏسو حاشيه ص ۱۴۲

(۲) 'الزبدة' جنهن جو هيٺ ذڪر اچي ٿو سو سنڌ ۾ درسي ڪتاب طور پڙهيو ويو جيئن ته سنڌ يونيورسٽي جي ڪتبخاني ۾ محفوظ قلمي نسخي جي حاشيه آرائين مان ظاهر آهي. هن ڪتاب جا ٽي قلمي نسخا

فِي المِيزان" جي مطالعي کي وڌيڪ آسان بنائڻ خاطر ڄام ارڙ عرف محمد سڪندر شاهه ثاني سنه ٨٠٥/٨٠٨ هه (١٣٠٦ع) ڌاري(١) منگلور (ڪاٺياواڙ) جي استاد ۽ عالم مولانا علاؤالدين(٢) کي چيو ته هو نئين سر مهجهائي (شرح) سان اهو ڪتاب مرتب ڪري. جنهن تي مولانا علاؤالدين 'الزُّبدَة' نالي "شمه في الميزان" جي شرح لکي. ڪتاب جي مهاڳ ۾ مؤلف لکي ٿو:

فقد سالني من لايسعني ان اخالفه ـ الذي اقر بفضله الموافق والمخالف ـ والاحرى لمن يقصد في حقه مدحا يناسب فضله ان يراعي شجر حساده وغيظ عداه، انَّ يرى مبصر و يسمع واع ـ وهو الملك المعظم ذوالحلم والعلم والجود والكرم محمد المعروف بانر بن فتح خان بن طوغاچي بن جام لازال له من التوفيق عصام ومن التاييد قوام ـ ان اكتب ما يجري مجرا الشرح للشمه في الميزان لينفع به من يهتم بشانها من الخلان ـ

(ــ يعني ته: مونکي اهڙي هڪ هستي چيو، جنهن جي انڪار جي مونکي طاقت ناهي ـ جنهن جي فضيلت جا موافق توڙي مخالف قائل آهن ۽ جو به سندس

---

لنڊن ۾ انڊيا آفيس لئبرريءَ ۾ محفوظ آهن. هڪ نسخو ڪوٽڙي جي قاضين جي ڪتبخاني ۾ موجود آهي. گجرات طرف پڻ هيءُ ڪتاب مقبول رهيو ۽ هڪ نسخو قاضي احمد ميان اختر جهوناڳڙهي مرحوم جي ڪتبخاني ۾ هو جو بنده جي نظر مان گذريو.

(١) هن سمي بادشاهه جي نالي، لقب ۽ دور حڪومت لاءِ ڏسو اسان جو انگريزي ۾ مضمون "سنڌ جي سمن حاڪمن جو سلسله حڪومت" پاڪستان هسٽاريڪل ريڪارڊس ۽ آرڪائيوز ڪميشن جي ٻئي اجلاس (پشاور) جي ڪارروائي، پاڪستان گورنمينٽ پريس، ڪراچي ١٩٥٧ع.

(٢) مصنف جو نالو، 'انڊيا آفيس لئبرري' جي هڪ نسخي جي پويان ڏنل آهي (ڏسو لئبرري جي "عربي ڪتابن جي فهرست"، لنڊن ١٨٧٧ع، ص ١٥٦).

هڪ آڳاٽي بزرگ شيخ حاجي ابو تراب رحه جي مزار تي ٧٨٢هه ۾ گنبذ ٺهرايو ۽ ان تي هيٺيون ڪتبو هڻايو، جنهن جي شروع ۾ سلطان فيروز شاهه جو نالو آداب ۽ القاب سان ڪنيل آهي؛ ۽ ان بعد خود 'علاؤالدين ڄام جوڻا' جو نالو ڏنل آهي:

بعهدِ شهريارِ دهر سلطان داورِ دوران
شهِ فيروز منصور و مظفّر در صفِ ميدان
بامرِ سرفرازِ سند خاصِ حضرتِ عالي
که پاي قدر او اعلىٰ ز فترِّ فرقدِ تابان
ستوده 'جام' جم سيرت 'علاؤالدين' دريا دل
که از ارزانيِ لطفش جهان شد جمله آبادان
بر آمد اينچنين گنبد معلّىٰ کز صفا گوئي
بسانِ بيت مسعود آمدست ازهارِ اين ايوان
مقامِ شيخ حاجي بوترابي آن ولي الله
که بر درگاهِ او گردد روا حاجاتِ خلق آسان
بسالِ هفصد وهشتاد و دو از هجرتِ احمد
زعونِ ايزد و ذوالمن والافضال والاحسان
بنا شد ثالثِ ماهِ صفر اين روضهٔ ميمون
بسعيِ کمترينِ بندگانِ موسىٰ بن شهجان.

هيءُ ڪتبو اڄ ڏينهن تائين موجود آهي*، ۽ سمن حاڪمن جي دور جو آڳاٽو ڪتبو آهي، جو عربيءَ جي

---

* اهو ڪتبو پٿر تي ڪند ٿيل آهي، جو شيخ حاجي ابو تراب جي قبي جي اندر الهندين ديوار تي مٽي وچ ۾ لڳل آهي. بزرگ جو اهو قبو ٺٽي ۽ گهاري جي وچ ڌاري، 'ڪُجي' جي ڳوٺ کان ميل ڪن ڏکڻ اولهه ۽ ڪراچي ڏانهن ويندڙ شاهي پڪي رستي کان ٻه فرلانگ کن ڏکڻ طرف هڪ ٽڪري تي واقع آهي، جنهن جي چوڌاري جهونو قبرستان آهي. انهيءَ ٽڪري تي قديم دور جي ڪنهن ڪهني بستي جا آثار پڻ موجود آهن.

ٻئي طرف انهن سگهڙن سومرن جي دور جي عشقيه داستانن سان گڏ سمن حاڪمن ۽ سردارن جي محبت جي داستانن (جهڙوڪ ڄام لاکي ۽ مهر راڻي، ڄام لاکي ۽ اوڏڻ، ڄام آڍي ۽ هوتل پري، ڄام ڄراڙ ۽ بوبنا، ڄام تماچي ۽ نوري، دولهه درياخان ۽ همون وغيره) کي ڳايو ۽ مشهور ڪيو.

ڇئي نتو سگهجي ته سمن حاڪمن ۽ سردارن جي انهن قصن ۽ داستانن مان هرهڪ ڪهڙي خاص عرصي ۾ آسريو، سواء 'ڄام تماچي ۽ نوري' جي داستان جي، جنهن جو بنياد ئي بالڪل سمن جي دور ۾ پيو. اهو داستان ڄام تماچي جي حڪمراني واري دور جو آهي. تاريخي مطالعي جي بناء تي چئي سگهجي ٿو "رڪن‌الدين شاهه ڄام تماچي بن فيروزالدين شاهه ڄام انڙ" پهريون ڀيرو سنه ٧٦٨ ھ کان ٧٧٢ ھ (١٣٦٦-١٣٧٥ع) تائين "خيرالدين ڄام تو ڳاچي" سان گڏ حڪومت ڪئي. ان بعد هو نظربند ٿي دهلي ويو ۽ سلطان فيروزشاهه جي وفات بعد سنڌ ۾ موٽي آيو ۽ غالباً سنه ٧٩٠/٩١ ھ کان ٧٩٤ ھ (١٣٨٨-١٣٩٢ع) تائين حڪومت ڪيائين*. انهيءَ لحاظ سان نوري ۽ ڄام تماچي جي محبت وارو داستان اٺين صدي هجري (چوڏهين صدي عيسوي) جي آخر جو آهي.

هوشيار ۽ هنرمند ڀٽن ۽ چارڻن نه فقط سمن سردارن جي سخا، سورهيائي ۽ محبت جي داستانن کي نئين سر زنده ڪيو، پر انهن کي 'قصه-خواني فن' جي لحاظ سان ڳايو، ۽ ڳائڻ خاطر 'ڳاهن' کي انهن قصن ۽ داستانن جي تاڃي پيٽي ۾ آڻيو. 'ڳاهون' سٽاء جي لحاظ سان منظوم مصراعون آهن، جن ۾ قصي جي ڪن خاص نزاڪت وارن موقعن جو مضمون سمايل هوندو آهي. اهو معلوم ناهي ته 'ڳاهن سان ڳالهيون' ڪڏهن کان شروع ٿيون يا ڳاهن سان قصا ڪنهن جوڙيا؛ البت

* ڏسو راقم جو مضمون "سمن حاڪمن جو سلسله حڪومت"، ص ص ٢٣-٢٩.

انهن مشهور جنگي ڪارنامن کان سواءِ، ٻين سومرا سردارن جي بهادريءَ جي ڪارنامن کي پڻ پيتن ۾ ڳايو، جن مان ڄام لاکي ۽ ڪاراڙي سمي بابت ڳاهون ۽ بيت ڪافي اڳاتا معلوم ٿا ٿين.

ڄام لاکو: سمن ۾ ڄام لاکو غالباً اڳاتي ۾ اڳاتو سومرا ۽ سخي سردار هو، جو سومرن جي دور ۾ ٻارهين صدي عيسويءَ ۾، يا ٻيءَ روايت موجب سومرن جي اوائلي عروج کان به اڳ-پرو، ڏهين صدي عيسويءَ ۾ ٿي گذريو(١). 'شاهه جي رسالي' جي سُرڏهر ۽ ٻين رسالن ۾ ڄام لاکي جي لوڙهين ۽ ريٻارين تي سندس ڪاهن جو ذڪر موجود آهي(٢). لاکو هڪ وڏو سرڪش ۽ سورهيه جوان هو. چيائين ته 'جو مونکي منهنجي ڀيءُ ڦُل جي مرڻ جي خبر سڻائيندو، ان جي زبان وڍائيندس.' پوءِ هڪ پاڻ حرفت ڪري، ڪيس هن طرح خبر سڻائي ته:

هڪ ڦُلَ پَسڄَنِ واڙِيون، ٻيا جي ٻَنيين ڏانَ،
لاکا! آءُ مهراڻَ، تو ريءَ سُڃو ڪاڇڙو.

[يعني ته (ڦُل نالي سان هيئڙ ڪو ڏسجي ٿي ڪونه ٿو، سواءِ انهيءَ جي جو) هڪڙا ڦل (گل) ولين جي واڙين ۾، ۽ ٻيا ڦل (ڦلا) ٻنين ۾ پيجندي تا ڏسجن. لاکا! مهراڻ مثل، هاٿي آءُ، جو تو کان سواءِ تنهنجو ملڪ 'ڪاڇڙو' سڃو آهي]

ڪاراڙو سمو: ڪاراڙو سمو، ڪڇ ۾ ڪَرَڙيءَ

(١) ڪڇ جي روايت موجب لاکو سنبت ٩٧٦، يعني ٩- صدي عيسوي جي آخر ۾ ڄائو، جنهن جي معنيٰ ته ڏهين صدي ۾ ساماڻو:

سنبت نو سؤ ڇاهتر، پيڄ تيتي ڪارتڪ ماس
تهن ڏيهن لاکو جنميو، سورجَ جوت پرڪاس

(٢) تفصيل لاءِ ڏسو راقم جو لکيل ڪتابڙو "لاکو ڦلاڻي"، ڇپايل 'سندي مجلس' سنڌ يونيورسٽي پريس، سنه ١٩٥٧ع.

لاکا لک لنگھيا، اُنڙ کروڙيون آٽ
هيرَ - هيڙاڏو هيڪڙو، جووري نہ آيو سون وٽ.

يعني تہ لاکا لکين آيا ۽ پڻ انڙ کروڙين آيا، پر 'سون جو سوداگر' هڪ ئي مڙئيو جو وري کونہ آيو. چون ٿا تہ لاکي جڏهن پڙاڻ تي منزل ڪئي هئي تہ وٽن ٽِڻن کي کهنبا ڏيکايائين، پر سون جي سوداگر وٽن ٻوٽن تي جي ڳهہ ٽنگيا سي وري نہ لهرايا.

وڪيو ڏاتار: وڪيي ڏاتار کان سونگ چارڻ اچي ڪُمنداڻيا پيرون گهريا، جنهن تي وڪيي چيس تہ:

انبن لڳي نہ ڪيري، چارڻ لڳي نہ چَٽ
ور چارڻ، مات ڪر، جيسين اچي وَٽ

اوٺو جکراڻي: چار اڌي جو پٽ چار جکرو وڏو سخي هو، جنهن جي باري ۾ پيتائي صاحب پڻ چيو آهي تہ "ڏ مرجي تہ ڏي، پرچي تہ پٽ پيري - جنگ جکري کي ٻہ چڱيون چِٽ ۾". سندس اولاد مان چار اوٺو ٿيو، جو پڻ وڏو سخي ساماڻو. سندس باري ۾ هڪ آکاڻي ڳاهہ آهي تہ:

اوٺي جي ڏاننِ، ڪپهون آبر لڳيون
رَڄ پهيئي راڻين، ڏاتار تنَ ڏَتجي وئا

هٿند ٽڏيائي: چار ساهڙ جي اولاد مان 'هٿند ٽڏيائي' مشهور سخي ٿيو، جنهن لاءِ چيائون تہ:

ٽڏي تيڄ ڏناس، سمون ساهڙ پٺ ۾
پدرو پرڪنڊاس، هٿند ٽڏيائي ٿئو.

٣. سمن سردارن جي عشقيہ داستانن بابت ڳاهون.

چار لاکو ۽ چار اَڊو، سمن جي حڪومت جي دور کان

دهليءَ ڏانهن وڃڻ بعد ڄام جوڻو پنهنجن ڪان ڦري ويو، انهيءَ ڪري دهليءَ طرفان ڪيس تقريباً سنه ٧٧٧هه/١٣٧٥ع ڌاري سنڌ تي چاڙهي موڪليو ويو ۽ هن اچي تخت تي قبضو ڪيو، ۽ ڄام تماچيءَ کي نظربنديءَ جي حالت ۾ دهليءَ وڃڻو پيو. انهيءَ واقعي کي ائين تعبير ڪيو ويو تہ ڄام تماچي درويشن جي صلاح نہ مڃي، جنهنڪري تخت ۽ بخت جو محافظ نانگ دهليءَ طرف هليو ويو، ۽ نتيجو اهو ٿيو جو ڄام تماچي نظربند ٿي ويو، ۽ ڄام جوڻو دهليءَ جي هڪ تابع جي حيثيت ۾ اچي سنڌ جو حاڪم ٿيو.

اها 'هفت تن' ۽ نانگ واري حڪايت ڄام تماچي جي عهد جي واقعن جو پڙاڏو آهي، جنهن کي عام روايت ۾ پين بيتن سان ملايو ويو آهي؛ مگر مٿين بيتن جي مضمونن جي اندروني شهادت جي بناء تي چئي سگهجي ٿو تہ اهي بيت 'ماموين جي اڪتي' نہ آهن، بلڪ سمن جي عروج وقت، سومرن جي خيرخواهن طرفان اڳين حالتن جي موٽڻ جون تمنائون آهن.

سمن جي دور ۾ سنڌي ٻولي ۽ ادب جا روايتي اهڃاڻ مٿين چئن مکيہ عنوانن—سمن سردارن جي سورهيائي، سخاوت، عشقيہ داستانن ۽ ماموين جي بيتن—سان تعلق رکن ٿا، جن تي قدري تفصيل سان روشني وڌي ويئي آهي. سمن جي دور جو اهو روايتي ذخيرو، سومرن جي دور جي روايتي ادب جي سلسلي جي ڪڙي آهي. ٻنهي جون ساڳيون خصوصيتون آهن: يعني تہ قصا ۽ ڪهاڻيون، جنگي واقعات ۽ عشقيہ داستان مکيہ قالب آهن؛ جن ۾ قولن ۽ قرارن، پهاڪن ۽ چوڻين جي صورت ۾ سنڌي لفظن، اصطلاحن ۽ محاورن کي استعمال ڪيو ويو آهي. 'ڳاهون'، جي اصولي طور دوهن جي صورت ۾ منظوم مصراعون آهن، سي هن ادبي ذخيري جي جند جان آهن ۽ سنڌي نظم جو بنياد آهن. انهن ڳاهن مان ئي سنڌي 'بيت'

آريا، جي اسان کي سمن جي اوائلي دور بعد تاريخ جي روشني ۾ نظر اچن ٿا.

بهرحال سمن جو اوائلي دور، سومرن جي دور وانگر سنڌي ٻوليءَ جي قصن ۽ ڳاهن، ٻاڪن ۽ اڪٿين وارو روماني دور هو، جنهن ۾ هڪ ته سنڌي ٻوليءَ ۾ شاعري سرجي ۽ ساماڻي، ۽ ٻيو ته روايتي قصن ذريعي ٻوليءَ ۾ بيان جي صلاحيت پيدا ٿي. سمن جي اوائلي دور واري هن روايتي ادبي ذخيري تي روشني وجهڻ بعد، هاڻي اسان سمن جي دور جي تاريخي ادبي سرمايي جو تفصيلي جائزو وٺنداسون؛ ڇاڪاڻ جو اهو صاف سنڌي ٻوليءَ جو اوائلي ۽ اهم تاريخي رڪارڊ آهي.

## (ج) سمن جي شروعاتي ۽ وچين دور ۾ سنڌي ٻوليءَ ۽ شعر جو تاريخي سرمايو.

١. سنڌين جو هڪ جنگي 'رجز' يا نعرو: سمن جي اوائلي دور ۾، سنڌي فوج جو هڪ جنگي رجز يا سنڌ وارن جو هڪ عام ٻاڪو ملي ٿو، جو تاريخي صحت جي اعتبار سان نهايت اهم آهي. مٿي بيان ٿي چڪو آهي ته اول سلطان محمّد بن تغلق سنڌ تي چڙهائي ڪئي، ۽ سنه ٧٥٢ھ/١٣٥١ع ۾ ٺٽي جي ڀاهران بيمار ٿي گذاري ويو. ان بعد سلطان فيروز شاه سنه ٦٦/١٣٦٥ع ۾ ٺٽي تي چڙهائي ڪئي. سنڌ جي لشڪر ۽ سلطاني فوجن جي وچ ۾ ڀرئين مقابلي بعد سلطان فيروز شاه جي لشڪر ۾ رسد جي ڪمي پيدا ٿي ۽ گهوڙن ۾ وبا جي بيماري پئي، جنهنڪري سلطان ميدان ڇڏي ڪوچ ڪري گجرات طرف هليو ويو. سندس ڪوچ وقت سنڌي لشڪر هيٺيون جنگي رجز يا نعرو بلند ڪيو، جو بقول همعصر مورخ سراج عفيف جي، ٺٽي ۾ ٻهاڪي طور مشهور ٿي ويو ته:

جمالي سنڌ جي وڏن اوليائن مان هو ۽ اڄ جي مشهور درويش شيخ جمال جو ڏوهٽو هو. موجوده ٺٽي لڳ 'ساموئي' جي دامن ۾ سندس خانقاه هئي. حديقةالاولياء جو مصنف لکي ٿو ته ”ڄام تماچي ۽ پٽس صلاح الدين کي هن بزرگ سان بيحد عقيدت هئي، ۽ هو روزانو سندس خدمت لاءِ ايندا هئا. ڄام جوڻي سازش سٽي؛ جنهن موجب چپ چاپ ۾ ٻنهي کي دهلي آماڻيو ويو، جتي هو نظربند رهيا. اتفاق سان بزرگ سندن غيرحاضري محسوس ڪري کين ياد ڪيو، پر سندن باري ۾ ڪوبه خبر ڏيئي نه سگهيو. بزرگ پوءِ پنهنجو خاص ماڻهو موڪلي سندن حويلي مان پڇا ڪرائي. جنهن تي حويليءَ وارن، بزرگ کي سچي ماجرا نهايت عجز ۽ بيقراريءَ سان بيان ڪئي. هن بزرگ جڏهن اها خبر ٻڌي ته غيرت وچان ڪيس جوش اچي ويو ۽ بيقراري ڪان اٿي ڪڙو ٿيو ۽ حجري ۾ هاڻ لڳو ۽ سنڌي زبان ۾ هڪ بيت چوڻ شروع ڪيائين؛ جنهن ۾ ڄام تماچيءَ سان محبت ۽ سندس (موٽي اچڻ جي) خواهش ظاهر ڪيل هئي“. ڄام جوڻي جڏهن اهو بيت ٻڌو ته نهايت پريشان ٿيو ۽ سوار ٿي شيخ حماد وٽ پهتو، پر آخر نااميد ٿي موٽيو(١). اهو سنڌي بيت 'حديقةالاولياء' جي مٿي ڄاڻايل قلمي نسخي جي حاشيي تي، هن طرح لکيل آهي(٢):

> جڻوئو، مت اُوئو، ڄام تماچي آءِ،
> سباجهي ٻاجهه پيئي، تو سين ٺٽو، راءِ!

---

(١) مير علي شير قانع، تحفة الڪرام ۾ (ص ص ٢٠٧-٣٥٩، سنڌي ترجمو، ڇپايل سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٥٧ع) هيءُ ساڳيو ذڪر 'حديقة الاولياء' تان نقل ڪيو آهي ۽ روايت ۾ ٿورو اضافو ڪيو آهي. 'حديقة' جي مصنف وانگر مير علي شير پڻ اصل سنڌي بيت ڪونه ڏنو آهي.

(٢) ڏسو عڪس، [٤].

جا ھي ٻئي پير، اندازاً ٧٧٥ھ کان ٨٥٠ھ واري پنجھتر سالن
جي عرصي ۾، اتر مغربي ھندوستان جي گجرات، سنڌ ۽ ملتان
وارن ڀاڱن ۾ اسماعيلي فرقي جا داعي ۽ مبلغ ھئا. ھنن پنھنجي
تبليغ ۾ گجراتي، ڪڇي، سنڌي ۽ ھندي آميز منظوم ھدايتن
۽ نصيحتن کي استعمال ڪيو، جن کي ھن فرقي جي اصطلاح
۾ ”گنان“ (گيان) چيو وڃي ٿو*. اھي ’گنان‘ خوجن
وٽ سنڌ ۾ توڙي سنڌ کان ٻاھر روايتي طور رائج آھن، ۽
ڪن وٽ ’خوجڪي صورتخطيء‘ ۾ لکيل آھن. ھن وقت
جيڪي ’گنان‘ زباني روايتن خواه قلمي مجموعن ۾ ملن ٿا،
تن جي صحت بابت يقيني طور ڪجھ چئي نٿو سگھجي؛ ڇاڪاڻ
تہ سادا پنج سؤ ورھيہ کن اڳ سندن پيرن کي ’گنان‘ چيا، پر
اھڙو ڪو آڳاٽو مستند قلمي نسخو موجود ڪونھي، جو چئجي
تہ انھن پيرن جا ’گنان‘ سندن دور ۾ يا ٿورو پوء لکي محفوظ
ڪيا ويا. سواءِ زباني روايتن جي ۽ سواءِ ڪن ٿورڙن گنانن جي–
جن ۾ چوندڙ جو نالو آندو وڃي ٿو– اھو بہ چوڻ مشڪل
آھي تہ ڪھڙا ’گنان‘ ڪھڙي پير چيا، يا جنھن وقت جنھن پير اھي
’گنان‘ چيا، ان وقت لفظ بہ لفظ انھن جي سٽاء ۽ صورت ڪھڙي
ھئي. ھن وقت ساڳيا ’گنان‘ جڏھن مختلف شخصن وٽان ٻڌجن
ٿا يا مختلف مجموعن ۾ پڙھجن ٿا تہ انھن ۾ روايت جو اختلاف
۽ لفظن جي ڦير گھير موجود آھي. سنڌ جي خوجن وٽ جيڪي
’گنان‘ عام رائج آھن، انھن تي سندن مادري زبان سبان سنڌي

* The Literature of the Indian Khoja branch of the Ismailis "which is not very extensive, requires a sound knowledge of Sanskrit, and specially of the modern Indian dialects, such as Sindhi, Kachhi, and Gujrati, in which the secred *Ginans* are written". (W.Ivanow: *A Guide to Ismaili Literature, Royal Asiatic Society, London, 1933, p. 15*).

محاورن جو غلاف چڙهيل آهي. ڪي 'گنان' تہ صاف سنڌيءَ ۾ پڙهيا وڃن ٿا. غالباً صحيح ائين آهي تہ پيرن اهي گنان گجراتي، ڪڇي، سنڌي ۽ هندي محاورن جي آميزش سان جوڙيا، پر پوءِ هرهڪ خطي جي خوجن انهن کي پنهنجي مادري ٻوليءَ جي محاورن مطابق پڙهيو ۽ ياد ڪيو. بهرحال هي مسئلو وڌيڪ تحقيق طلب آهي، ۽ جيئن تہ اسان وٽ هن وقت ٻيو ڪوبہ ٻاهريون مأخذ موجود ڪونهي، انهيءَ ڪري خود خوجا جماعت جي روايت کي آڏو رکيو وڃي ٿو.

٢- پير صدرالدين: پير صدرالدين بن پير شهاب‌الدين، ربيع‌الاول سومر ڏينهن سنہ ٧٠٠ هہ ۾ ايران جي شهر سبزوار ۾ ڄائو ۽ ١٢- رجب سنہ ٨١٩ هہ ۾ آچ ۾ وفات ڪيائين. اسماعيلين جي ٽيهين امام احمد اسلام شاهہ پنهنجي امامت جي دور (٧٧١-٨٢٧ هہ)، ۾ کيس خليفي طور سنڌ ۽ هندوستان ڏانهن تبليغ لاءِ موڪليو*: جنهن جي معنيٰ تہ پير صدرالدين جي هندوستان ۾ سڪونت ۽ تبليغ سنہ ٧٧١ هہ بعد شروع ٿي. کيس مقامي ٻولين ۾ ٻهارت حاصل ڪرڻ، ۽ 'گنانن' چوڻ ۾

* چنارا، علي محمد جان محمد "نور مبين حبل الله المتين" (اردو) بمبئي، ص ٩٣٥. ساڳيو مصنف لکي ٿو تہ "پير صدرالدين جو پٽ پير حسن ڪبيرالدين سنہ ٧٤٢ هہ ۾ آچ ۾ ڄائو"، جنهن جي معنيٰ تہ پير صدرالدين ٧٧١ هہ کان گهٽ اڳ سنڌ ۾ آيو هوندو. تاريخي لحاظ سان هي حوالا اڃان تحقيق طلب آهن. خود پير صدرالدين جي ولادت ۽ وفات جي باري ۾ پڻ اختلاف آهي. غلام علي الانا پنهنجي مضمون ۾ هڪ جاءِ تي لکيو آهي تہ "پير صدرالدين جي ولادت سنہ ٦٨٩ هہ مطابق ١٢٩٠ع ۾ ٿي، ۽ ٨٠٨ هہ مطابق ١٤٠٩ع ۾ (سمن جي دور ۾) وفات ڪيائين"، پر ٻيءَ جاءِ تي لکي ٿو تہ "پير صاحب ٨١١ هہ ۾ آچ شريف ۾ وفات ڪئي." (ڏسو غلام علي الانا جو مضمون "سومرن جي دور جي سنڌي شاعري"، رسالو 'مهراڻ'، جلد ٩ نمبر ١ ۽ ٢، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد)

ڪجهہ عرصو لڳو هوندو؛ ۽ جلد ۾ جلد ته به هن اندازاً ٧٧٥ ھ بعد 'گنان' چيا هوندا. انهيءَ ڪري پير صدرالدين جي گنانن جو عرصو، ٧٧٥ کان رجب ٨١٩ ھ (سنه س وفات) تائين سمجهڻ گهرجي.

مرزا قليچ بيگ(١) ۽ ٻين مصنفن پير صدرالدين ڏانهن منسوب گنانن مان ڪي پنهنجن ڪتابن ۾ ڏنا آهن، ۽ غالباً وڏي ڪ معتبر اهي ئي 'گنان' آهن، جن ۾ جدا جدا ٻولين جي آميزش آهي. مثلاً هيٺيان گنان(٢) انهي قسم جا آهن:

(١)

چيتن هارا تمهين چيتجو،
ڪريو خوب ڪمائي،
انتڪال ايڪلا چلڻا،
سات ڪوئي باپ نه مائي.

(٢)

من مها بلونت هئي،
جودهه زوراور جاڻ.

(٣)

ستيو آئيز پنجن ڪاداسي،
پانڌ يڙا! پنٿ ميرٖ ديو.

مختلف ٻولين جي ميلاپ ۽ آميزش وارن اهڙن 'گنانن' ڪان

---

(١) ڏسو 'تحفه اسماعيليه'، مطبوع حيدرآباد، ١٩٢٢ع، ص ص ٥٧-٥٨.

(٢) نمبر ١ ۽ ٢ لاءِ ڏسو "اسماعيلي آغا خاني فرقه جا مبلغ داعي"، اسماعيلي ائسوسيئيشن پاڪستان، ڪراچي، ١٩٥٢ع، ص ٦٤. نمبر ٣ لاءِ ڏسو غلام علي الانا جو مضمون 'سومرن جي دور جي سنڌي شاعري' رسالو مهراڻ، جلد ٩، نمبر ١ ۽ ٢، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد.

٢- جڏهن صبوحڙي نه جاڳيا، تن حورون ڏين ٿيون نه هٿ
سڀئي هڻ هڻ ڪندا، هٿ هڻندا، جڻ هاريءَ وڃائي وٿ-
شاهه مڇيئڙو تن، جي صبوحڙي جاڳن

٣- ٻانها تو جو تڪيو ڪنڌاڙو ۽ ڪوڙ
ٻسي رنا ڳالهڙا ٻانها! مَ وڃائي مور-
شاهه مڇيئڙو تن، جي صبوحڙي جاڳن

٤- ٻانها تو جو تڪيو ڪنڌن ۾ ڪيو
جَڏهن سَچاڻو سُور ڪيئن، تڏهن سَمريو-
شاهه مڇيئڙو تن، جي صبوحڙي جاڳن.

(٢)

ڪَپَهَه تياڳيءَ ڪَتيو جڏهن سُتو سارو لوڪ
تنهن پاڻ جي ڪتي مان وڌو ڳچيءَ ڳاڙهو ٽوڪ.

---

جهيڙو نيءِ جهيڙو آگهيو پائيو! جي هوند ڪتيائين
سڀان سرتين وچ ۾ ملي مرڪيائين.

(٣)

ڪوٺا، مَندپَ، ماڙيون، گهر، گهوڙا، ٻَنڌار
ڪين نه نيا پاڻ سين، جيئو چَلَنتي وار

---

(٢) هي ٻه 'بيت' ڀهريائين ۾ ڇپيا ۽ پوءِ غ نقل ڪيا آهن؛ ۾ ۾ لفظ 'ٽوڪ' جي بدران 'موڙ' ڏنل آهي ۽ ٻئي ۾ ۾ 'جڏهن'، 'پاڻ جي'، 'جيڙو' ۽ 'تيڙو' جي بدران 'جڏهن'، 'پنهنجي'، 'جهڙو' ۽ 'تهڙو' لکيل آهن. ۾ ۾ هي بيت جدا ڏنل آهي پر غ اهي ٻئي بيت مٿي (١) هيٺ مصراعن طور لکيا آهن.

(٣) هي ٻه 'بيت' فقط 'غ' لکيا آهن پر مٿي (١) هيٺ مصراعن طور ڏنا آهن، جو غالباً اصليت جي لحاظ سان صحيح نه آهي، ڇاڪاڻ ته انهن جو وزن نرالو آهي.

سر بـنـدھ لئي گرد ئي متکي ديـدھا
نارے سر اگھاڙو ڪري، نـر بيٺھا

[جڏهن ڪان حضرت اسلام شاھ تخت تي ويٺو، تڏهن ڪان ڏٺي جي دين جو فيض جاري ٿيو. (پير حسن ڪبيرالدين) جڏهن امام کي پڳ نذرانو ڪئي، تڏهن هاڻ مرد سر اگھاڙو ڪيو (تخت تي) ويٺو هو.]

(٢)

نارين تمھاريـون آنـتـي گھٽيون
منجھ سريکيون لاڪـوئـي لاڪ
تـمـھـن هئہ الـک نرزـجـن
هـم چـئيئي ڏرڙي خـاڪ.

[نهنجيون داسيون ڪي گھٽيئي آهن، مون جھڙيون ته لکين آهن؛ تون ٿي ڏسڻ ڪان پاڪ آهين، آءٌ ته مٽي ۽ خاڪ آهيان.]

مٿيان 'گنان' پير صدرالدين جي پٽ جا آهن، جو هت چاڙهو نپنو، پر تڏهن به ٻوليءَ ۾ آميزش آهي؛ انهيءَ ڪري چٽي نٿو سگھجي ته ڪو پير صدرالدين خالص سنڌيءَ ۾ 'گنان' چيا هوندا. البت انئين تي سگھي ٿو ته پير صدرالدين جي اصل گنانن تي سنڌي خوجن جي پنهنجيءَ زبان جو رنگ چڙهي چڪو آهي. پير صدرالدين ڪان اڳ، ڪنهن به داعي جي چيل 'گنانن' ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لفظن ۽ محاورن جي تلاش، بهرحال اجائي

(٢) "اسماعيلي آغاخاني فرقه جا مبلغ داعي"، ص ٨٠

اڳئين يا پوءِ جي ڪنهن ٻئي داعي ٺاهي؟ پيو ته پير صدرالدين جي دعوت جو دائرو ڪشادو هو، انهيءَ ڪري اهو البت قرين قياس آهي ته هن بزرگ ”چاليهه اکرن“ تي مشتمل صورتخطي ٺاهي هجي، جنهن ۾ سڀني ٻولين مثلاً گجراتي، ڪڇي، هندي، توڙي خوجڪي سنڌي ۾ نصيحتون ۽ ’گنان‘ لکيا ويا هجن. پر اهو چوڻ ته هن بزرگ اها صورتخطي خاص ’سنڌي زبان‘ لاءِ ٺاهي، تنهن لاءِ علمي تحقيق ۽ تصديق جي ضرورت آهي.

٤. پير مراد شيرازي جو منظوم دعائيه فقرو (٨٩١هه).

سيد حسين عرف شاهه مراد، ٺٽي جي شيرازي سادات مان مشهور درويش ٿي گذريو آهي. محمد صالح ولد ملا زڪريا ٺٽوي سنه ١١٤٠ هه ۾ ڪتاب ”معارف الانوار“ فارسي ۾(١) لکيو، جنهن ۾ هن بزرگ جي سوانح ۽ ڪرامات تي تفصيلي روشني وڌي اٿس. سيد مراد ١٢- ربيع الاول، سنه ٨٣١ هه ۾ ڄائو ۽ ١٢- ربيع الاول سنه ٨٩٣ هه ۾ ڄام ننڍي جي دور ۾ وفات ڪيائين. ٨٩١ هه/١٤٨٦ع ۾ شاهه مراد جي پاڻتي ۽ نائي سيد جلال (پٽ سيد علي شيرازي اول، جو پير مراد جو ڀاءُ هو) جي گهر ۾ فرزند ڄائو، جنهن جو نالو ’سيد علي‘ (ثاني) رکيائون. هيءُ صاحبزادو، شاهه مراد جو ڏوهٽو پڻ هو، جنهن جي ولادت تي خوش ٿي دعا طور چيائين ته:

”اللهه، او پاتي! ڏيئي وڏي ڄمارا.“(٢)

(١) ڪتاب جو سڄو نالو ”معارف الانوار في بيان فضائل سيدالابرار وائمه اطهار واحوال قطب المختار“ آهي، جنهن جو قلمي نسخو اسان مولوي محمد حسين صاحب ٺٽوي وٽ ١٢- نومبر ١٩٥٣ع تي ڏٺو ۽ مطالعو ڪيو، جنهن مان هيءُ بيان ورتل آهي.

(٢) ”معارف الانوار“ جو قلمي نسخو جو اسان جي نظر مان گذريو، ان ۾ ”او پاتي ڏيئي وڏي ڄمارا“ لکيل هو، پر جيئن ته فعل ’ڏيئي‘ جو فاعل هئڻ ضروري آهي، انهيءَ ڪري ’او‘ جي لحاظ سان شروع ۾ غالباً ”اللهه“ هئڻ قرين قياس آهي.

هيءَ سنہ ٨٩١ ھہ جو هڪ منظوم دعائيہ فقرو آهي، جنهن ۾ سڀ ڪان اول 'الف اشباع' وارو قافيو (چمارا) ملي ٿو.

٥. حضرت عبدالجليل چوهڙ شاهہ جي سماع جي مجلسن ۾ سنڌي بيت. شيخ‌الشيوخ عبدالجليل، جو عرف عام ۾ 'شيخ چوهڙ' جي نالي سان سڏبو هو ۽ روحاني فيض سببان سندس لقب "قطب‌العالم" هو، سو نائين صدي هجري ۾ ضلعي رحيم‌يارخان (بهاولپور ڊويزن) جي قديم شهر 'موءِ مبارڪ' جو هڪ وڏو صوفي درويش ٿي گذريو آهي. حضرت عبدالجليل سلطان بهلول لوڌي (١٤٥١-١٤٨٩ع) جو نائي هو. نسب جي لحاظ سان پاڻ 'موءِ مبارڪ' جي مشهور ولي حضرت شيخ 'حميدالدين حاڪم' جي پنجين پشت مان هو. حضرت حاڪم جي حضرت بهاؤالدين زڪريا ملتاني جي نياٽي سان شادي ٿي هئي، جنهن جي ڪري حضرت حاڪم جي خاندان ۾ اولاد جو حضرت بهاؤالدين زڪريا جي خاندان ۽ اولاد سان عزازت ڌوڙي طريقت جو ڳهاڙو رهتو هو*. انهيءَ ڪري غالباً حضرت بهاؤالدين جي سنڌ جي مريدن ۽ معتقدن جو حضرت حاڪم جي اولاد سان بہ تعلق وڌيو. حضرت عبدالجليل، حضرت حاڪم جي پنجين پشت ۾ سلسلهٔ طريقت جو سجاده نشين هو، ۽ سنڌ مان گهڻن مريدن جي سائس عقيدت هئي. سندس دربار ۾ سماع جون محفلون ٿينديون هيون، جن ۾ سنڌ جا خوش‌الحان ڳائيندڙ، فارسي شعر توڙي سنڌي بيت مٺي لئي سان ۽ وڏي سوز مان ڳائيندا هئا.

انهن سماع جي مجلسن جو ذڪر، حضرت عبدالجليل جي سوانح ۽ ملفوظات بابت لکيل ڪتاب "تذڪره قطبيه" ۾ ملي ٿو، جو حضرت جمال‌الدين ابوبڪر اللهٰ‌آبادي سنہ ١٠٤٠-١٠٤٥ع ڌاري لکيو. 'تذڪره قطبيه' يارهن سال اڳ سنہ ١٣٧١ھہ ۾ ڇپيو، پر اصل

* ڏسو 'تاريخ جليله' مصنف غلام دستگير نامي، ڇاپو پيو، لاهور، ١٣٨٠ھہ/١٩٦٠ع، ص ص ٥٨-٩١.



[٦] ’رساله قطبيه‘ جي قلمي نسخي جا شروع وارا ٻه صفحا.



[٧] ’رساله قطبيه‘ جي قلمي نسخي جا آخري ٻه صفحا.



[٨] 'رساله قطبيه' ۾ ذئل، مجلس سماع جي سنڌي ذاڪرن جو ڳايل دوهڙو.

عبارتن کي صحيح طور پڙهڻ خاطر اسان 'تذکره قطبيه' جي اصل قلمي نسخي جو طالعو ڪيو(١)، جو ٢٧- محرم سنه ١١٨٥ هه جو لکيل هو(٢). هيٺين بيان جو مدار ان قلمي نسخي تي آهي، حالانڪ تصديق طور ڇپيل ڪتاب جا پڻ حوالا ڏنا ويا آهن.

'تذکره قطبيه' ۾ ٻن سنڌي 'ڏوهيڙن' جو ذڪر آهي، جن مان هڪ شيخ چوهڙ جي سماع جي مجلس ۾ پڙهيو ويو ۽ ٻيو سندس وفات بعد، سندس روضي ۾ سماع جي مجلس ۾ پڙهيو ويو.

حضرت شيخ چوهڙ جي سماع جي مجلس ۾ سنڌي ڏوهيڙو.

---

'تذڪره قطبيه' جو مصنف حضرت جلال الدين ابوبڪر چوي ٿو ته، هڪ ڏينهن ٻيا بزرگ ۽ پاڻ گڏ جي قطب العالم شيخ چوهڙ جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ته، اتي سماع جون پوريون تياريون هيون. پوءِ جيئن ئي مجلس شروع ٿي ته "سنڌي ذاڪرن" مان هڪڙي هيءُ 'دوهڙو' ڏنو:

جو گهڙي سو نهي، ڪوڙو ڦهر ڪلاچ ۾،
خبر ڪونه ڏي، رڃ ڪڇاڙي رندبيو(٣).

---

(١) 'تذڪره قطبيه'، حضرت عبدالجليل چوهڙ شاه جي اولاد مان هڪ ليک برد ۽ عالم فاضل پير غلام دستگير نامي، جو لاهور ۾ حضرت عبدالجليل جي درگاه جو پڻ متولي هو، تنهن عالمگير پريس لاهور مان سنه ١٣٧١ هه ۾ درگاه جي وقف طرفان ڇاپارايو. نامي صاحب هڪ وڏو نيڪ دل ۽ صوفي طبع انسان هو، جنهن ٢١- ڊسمبر ١٩٦١ع تي لاهور ۾ وفات ڪئي. اسان جي ساڻس گذريل ستن سالن کان واقفيت بلڪ دلي محبت هئي. نامي صاحب بنده جي علمي شوق کان متاثر ٿي 'تذڪره قطبيه' جو واحد قلمي نسخو، جو سندن خانداني آثارن مان هو، بنده جي حوالي ڪيو، جنهن جو لاهور ۾ ويهي مطالعو ڪيو ويو، ۽ پڻ ان جي ورقن جا فوٽو ڪڍيا ويا.

(٢) ڏسو عڪس [٦] ۽ [٧].

(٣) ڏسو عڪس [٨]، ۽ پڻ ڏسو "تذڪره قطبيه"، لاهور، ١٣٧١ هه، ص ١٣١



[٩] 'رسالہ قطبیہ' ۾ ڏنل 'مجلس سماع' جي سنڌي ذاڪرن جو ڳايل دوهڙو.

پئي پڙهيو. مون خيال ڪيو ته اهو بيت الائجي خود سندس آهي يا ڪنهن ٻئي جو! اڃان منهنجي دل ۾ اهو خيال آيو ته مون ڏي منهن ڪري چيائين ته، 'هي بيت اسحاق آهنگر جو آهي.'"

مير علي شير قانع تحفةالڪرام ۾ اهو ساڳيو بيان 'حديقةالاولياء' تان نقل ڪيو آهي، پر 'حديقه' جي مصنف وانگر اسحاق آهنگر وارو اهو سنڌي بيت ڪونه ڏنو اٿس(١). تحفةالڪرام جي سنڌي ترجمي ۾ شيخ پرئي ويرداس جو سنه وفات ٩٠٣ هه ڏنل آهي، جو ظاهراً صحيح ناهي؛ ڇاڪاڻ ته 'حديقةالاولياء' سنه ١٠١٦ هه ۾ لکيو ويو ۽ ان جو مصنف پاڻ شيخ پرئي سان وڃي مليو هو، انهيءَ ڪري شيخ پرئي جي وفات هڪ سؤ تيرهن سال اڳ ڪيئن ٿي هوندي! وڌ ۾ وڌ شيخ پرئي سنه ١٠١٦ هه کان چاليهارو سالن اندر وفات ڪئي هوندي. جيڪڏهن شيخ پرئي جي وفات سنه ٩٨٠-٩٧٥ هه ڌاري تسليم ڪجي ته پوءِ ٿي سگهي ٿو ته اسحاق آهنگر، جنهن جو بيت هن ٻئي پڙهيو، سو سمن جي آخري دور جو شاعر ٿي گذريو هجي. مگر 'حديقةالاولياء' توڙي 'تحفةالڪرام' جي مصنفن اسحاق آهنگر وارو 'سنڌي بيت'، جو شيخ پرئي پئي پڙهيو، سو ڪونه ڏنو آهي. 'حديقةالاولياء' جي مصنف کان البت ايترو يقيني طور معلوم ٿئي ٿو ته انهيءَ بيت ۾ تصوف جي معنيٰ سمايل هئي. بهرحال هن وقت تائين اسحاق آهنگر جي انهيءَ 'سنڌي بيت' بابت يقيني طور ڪجهه به معلوم نه ٿي سگهيو آهي(٢).

---

(١) تحفةالڪرام، سنڌي ترجمو (سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٥٧ع)، ص ص ٣٤٧-٣٤٨.

(٢) اسان پنهنجي هن مضمون جي ابتدائي خاڪي ۾، جو "تحفه' لاڙڪاڻه" (١٩٥٠ع) ۾ ڇپيو هو، 'سمن جي دور' جو ذڪر ڪندي لکيو هو ته هيٺيون بيت اسان ڪي پنهنجي قلمي بياض ۾ شيخ حماد ڏانهن منسوب

قاضي قادن(١) بن قاضي ابو سعيد بن زين الدين بن قاضي قادن کي علم ۽ قضا ڇڻ ورثي ۾ مليا. سندس وڏا سيوهڻ ۽ ٺٽي جا باشندا هئا. سندس وڏو ڏاڏو قاضي ابوالخير پهريون شخص هو، جو اچي بکر ۾ مقيم ٿيو (٢)، ۽ قاضي قادن به غالباً بکر ۾ ڄائو نپنو؛ جنهن جي ڪري سڪونت جي لحاظ کان ڪيس "قاضي قادن بکري" سڏڻ وڌيڪ مناسب ۽ صحيح ٿيندو.
ميين شاهه ڪريم جي ملفوظات مان معلوم ٿئي ٿو ته قاضي قادن ڪو وقت بکر علائقي جي شهر دربيلي (موجوده ڏيرو، ضلعو نواب شاه) ۾ پڻ رهيو، جتي هڪ مست درويش سان سندس مقابلو ٿيو؛ جنهن جي اثر سببان هو حقيقت ڏانهن مائل ٿيو(٣).
مير محمد معصوم بکري تاريخي لحاظ کان قاضي قادن کي ويجهي ۾ ويجهو مصنف ۽ سندس همروطن آهي، جنهن جي

---

(١) تاريخ معصومي (فارسي) جي متن ۾ "قاضي قاذن" ذڪر آهي (ص ص ٢٠٠-٢٠٤)، پر خود مير معصوم جو هٿ لکيل "تاريخ معصومي" جو نسخو موجود ڪونهي، جو هن نالي جي اصل صورتخطي معلوم ٿي سگهي. سنڌ جي هڪ بزرگ محمد رضا ٺٽوي، شاه ڪريم جي سوانح ۽ ملفوظات بابت ڪتاب "بيان العارفين" لکيو، ۽ ان اصل نسخي جي بنياد تي ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي "شاه ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام" مرتب ڪيو، جو سنه ١٩٣٧ع ۾ ڇپيو. ان ۾ چار دفعا (ص ص ٢٦، ٨٧، ٩٤ ۽ ١١٢) هي نالو "قاضي قاذن" لکيل آهي، هڪ دفعو (ص ٢٨) "قاذن (قاضن)"، ۽ هڪ دفعو (ص ٣٦) "قضن". ان مان ظاهر آهي ته سنڌ جي جن بزرگن جي آڏو قاضي جا بيت هئا، تن سندس نالو "قاذن" ڪري لکيو آهي، جو صحيح آهي. 'قاذن' فقط "قادن" جي ٻي صورت آهي. عربيءَ ۾ ٻاهرين لفظن ۾ آيل 'دال' کي ڦيرائي 'ذال' ڪري لکيو ويندو آهي.

(٢) تاريخ معصومي، فارسي متن، ص ص ٢٠٠-٢٠٢ (سنڌي ترجمو ص ص ٢٣٨-٢٤٠)، پڻ ڏسو تحفة الڪرام، سنڌي ترجمو، ص ٣٥٣.

(٣) ڏسو "شاه ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام"، تصحيح ڊاڪٽر دائود پوٽو، ڇاپو سنه ١٢٥٦ھ/١٩٣٧ع، ص ص ١١٢-١١٣.

ڪري سنڌس حوالا به ڪافي مستند آهن. لکي ٿو ته قاضي "وڏيءَ عمر ۾" پنهنجي قضا جي عهدي تان استعفيٰ ڏني(١). ان وقت ۾ "وڏي عمر" جي اندازي جي لحاظ سان، قدري يقين سان چئي سگهجي ٿو ته قاضي صاحب اسي کن ورهين جي ڄمار ۾ استعفيٰ ڏني هوندي. مير معصوم هڪ ٻئي سنڌي عالم، درٻيلي جي شيخ عبدالله متقي بابت لکي ٿو ته هو سنه ٩٤٧هه ۾ گجرات ويو ۽ وڃي قاضي عبدالله جو صحبتي ٿيو، (۽ بعد ۾) مديني شريف ۾ قاضي قادن جي صحبت ۾ رهڻ لڳو(٢). جيڪڏهن شيخ عبدالله متقي ٩٥٠ هه ڌاري مديني شريف ۾ قاضي قادن جو صحبتي ٿيو هجي، ته ان مان گمان نڪري ٿو ته قاضي قادن ٩٤٧-٩٥٠هه واري عرصي ۾ قضا جي عهدي تان استعفيٰ ڏني، ۽ ٩٥٠ هه ڌاري سندس عمر ڪم از ڪم اسي ورهيه هئي. مير معصوم لکي ٿو ته، "قاضي قادن سنه ٩٥٨ هه ۾ وفات ڪئي،" جنهن جي تصديق مير علي شير قانع به تحفةالڪرام ۾ ڪئي آهي(٣). انهيءَ ڪري ڪافي وثوق سان چئي سگهجي ٿو ته قاضي قادن ڪم از ڪم اٺاسي ورهين جي عمر ۾، سنه ٩٥٨ هه ۾ وفات ڪئي، ۽ انهيءَ لحاظ سان سندس ولادت سنه ٨٧٠هه ڌاري تسليم ڪري سگهجي ٿي. انهيءَ جي معنيٰ ته قاضي قادن جي ولادت ۽ تربيت ڄام نظام الدين عرف ڄام نندي جي عهد (٨٦٦-٩١٤هه) ۾ ٿي، ۽ ارغونن هٿان سنڌ ۾ سمن جي حڪومت جي خاتمي واري سال ٩٢٧ هه ۾ سندس عمر ڪم از ڪم سٺونجاهه سال هئي. اهو بالڪل قرين قياس معلوم ٿئي ٿو؛ ڇاڪاڻ ته ڄام فيروز جي عهد ۾ شاهه بيگ جي

---

(١) تاريخ معصومي، فارسي متن ص ٢٠٢.

(٢) تاريخ معصومي، فارسي متن ص ٢٠٤.

(٣) تاريخ معصومي، فارسي متن ص ٢٠٢ ۽ تحفةالڪرام (سنڌي ترجمو، سنڌي ادبي بورڊ) ص ٣٥٣.

حملن وقت قاضي قادن وڏي اثر ۽ رسوخ وارو هو، ۽ غالباً بکر جي قضا سندس حوالي هئي.

طبقات اڪبري جي مصنف لکيو آهي ته شاهه بيگ ارغون بکر جو قلعو قاضي قادن کان ورتو*. جيڪڏهن اهو الوحو صحيح آهي ته پوءِ چئبو ته چام فيروز جي ڏينهن ۾ قاضي قادن بکر ۾ مقيم هو، ۽ غالباً يا ته اتي جو قاضي هو يا هو وڏي رسوخ وارو شخص هو، جو شاهه بيگ جي گهيري وقت سندس وساطت سان بکر جو قلعو شاهه بيگ جي سپرد ڪيو ويو. اهو واقعو غالباً ٩٢٥ هه جي آخر جو آهي، جڏهن شاهه بيگ پوري تياريءَ سان سنڌ تي لشڪرڪشي ڪئي هئي. غالباً ان کان پوءِ قاضي قادن بکر مان پنهنجو عيال وٺي ٺٽي آيو. مگر پويان شاهه بيگ پڻ ٺٽي جو رخ ڪيو، ۽ ٺٽي پهچي ١١- محرم ٩٢٦ هه (٢- جنوري ١٥٢٠ع) ۾ شاهه بيگ درياءَ ٽپيو، ۽ ساموئي جي ميدان ۾ لڙائي لڳي، جنهن ۾ بالاخر سنڌ جي فوج جو سپهسالار دريا خان شهيد ٿيو ۽ شاهه بيگ ٺٽي تي قبضو ڪيو. ١١- محرم بعد ويندي ٢٠- محرم تائين ارغونن جي فوج ٺٽي کي لٽيو. انهيءَ عرصي ۾ قاضي قادن جا ٻار ٻچا پڻ ٻين سان قيد ٿي پيا ۽ هو نهايت پريشانيءَ ۾ ڪين ڳولڻ لڳو. بالاخر، شاهه بيگ جي پيش امام حافظ محمد شريف جي معرفت هڪ عرضداشت موڪليائين، جنهن کان متاثر ٿي شاهه بيگ فوج تي پورو قبضو رکيو، ۽ قاضي قادن کي اختيار ڏنو ته جنهن کي وٺيس تنهن کي ڇڏائي آزاد ڪري. ٿي سگهي ٿو ته اهو ٻهريون دفعو هو، جو قاضي قادن جو شاهه بيگ سان واسطو ٿيو، پر شايد قاضي قادن اڳ بکر ۾ شاهه بيگ کي ملي چڪو هو، جنهنڪري شاهه بيگ سندس سفارش فراخدليءَ سان قبول ڪئي.

ان بعد قاضي قادن سنڌ طرفان چام فيروز ۽ ٻين جي طرفان

---

* طبقات اڪبري جلد ٣، ص ٥١٧.

شاهہ بيگ ۽ مرزا شاهہ حسن سان صاح ۽ مفاهمت خاطر موقعي بہ موقعي ڪوششون ڪيون. شاهہ بيگ جو مٿس پورو اعتماد هو.

ٺٽي جي حادثي (محرم ٩٢٦ هہ) بعد غالباً قاضي قادن پنهنجو اهل عيال بکر ڏانهن روانو ڪيو، ۽ جڏهن شاهہ بيگ ٺٽي مان سيوهڻ روانو ٿيو تہ قاضي قادن ڪي پاڻ سان گڏ ڪمپائين. آڏو ٿلتيءَ وٽ، درياخان جي پٽن شاهہ بيگ جي مقابلي لاءِ وڏو لشڪر سنباهيو، جنهن تي شاهہ بيگ، قاضي قادن کي موڪليو تہ ڪين وڃي سمجهائي ۽ صلح جي ڪوشش ڪري. پر شاهہ بيگ سان رفاقت سبيان هنن جو قاضي موصوف تي ڪوبہ اعتماد ڪونہ رهيو هو، جنهنڪري ڪيس ملڻ کان انڪار ڪيائون(١). ان بعد غالباً قاضي قادن، شاهہ بيگ کان موڪلائي بکر روانو ٿيو. ٩٢٧ هہ جي پوئين نصف ۾، جڏهن شاهہ بيگ سيوهڻ جي قلعي جي مرمت ۽ حفاظت جو انتظام ڪري بکر ڏانهن روانو ٿيو، ۽ بکر کان اڃان ٽن منزلن تي هو، تہ قاضي قادن اچي ساڻس مليو ۽ عزت آبرو سان سرفراز ٿيو(٢). بکر کان هڪ منزل اوريان، چام فيروز طرفان شاهہ بيگ لاءِ سوکڙيون پاکڙيون پهتيون(٣)، جي غالباً قاضي قادن جي معرفت پيش ٿيون. شاهہ بيگ جي بکر پهچڻ بعد، قاضي قادن پنهنجي پاڙن سميت اچي ڪيس مليو. ان دوران ڏاريچن سردارن جي سرڪشي بابت شاهہ بيگ سندس راءِ معلوم ڪرڻ چاهي؛ قاضي قادن چيو تہ، ”هي ماڻهو سرڪش آهن ۽ سختي بنا امن قائم نہ ٿيندو.“ جنهن تي شاهہ بيگ انهن سردارن کي قتل ڪرڻ جو حڪم ڏنو(٤). معلوم ٿئي ٿو تہ قاضي قادن ملڪ ۾ امن امان ۽ صلح جو خواهان هو، ۽ انهيءَ سلسلي ۾ پنهنجي

---

(١) تاريخ معصومي، فارسي متن ص ص ١١٦-١١٧. (٢) ايضاً. فارسي متن ص ١٢١. (٣) ايضاً. (٤) تاريخ معصومي، فارسي متن ص ١٢٣.

فائز ھو، تڏھن نھايت احتياط، امانت ۽ ديانتداري سان فيصلا ڪيائين(١)“

مير معصوم جي مٿئين بيان مان ظاھر آھي ته قاضي قادن ذھين، عالم، نيڪ سيرت ۽ صاف دل صوفي ھو. اھوئي عڪس اسان کي سندس بيتن ۾ نظر اچي ٿو. سلوڪ ۽ طريقت ۾، سندس بزرگي ۽ برگزيدگي سببان، سندس چيل بيت پڻ ٻين درويشن ۽ بزرگن جي زبان جو ورد وظيفو ٿي ويا، ۽ انھيءَ ڪري ئي محفوظ رھيا. سندس وفات وقت (٩٥٨ ھ) ميين شاھ ڪريم بلڙيءَ واري جي عمر پندرھن ورھيه ھئي. ميين شاھ ڪريم، قاضي قادن جا بيت بزرگن کان ٻڌا، ۽ انھن کان ايتريقدر ته متاثر ٿيو، جو پنھنجي سلوڪ جي مجلسن ۾ اھي بيت پڙھيائين. سندس ملفوظات، جا ’بيان العارفين و تنبيه الغافلين‘ جي نالي سان لکي ويئي، ان ۾ ٩٣ کن سنڌي بيت ميين ڪريم جا، ٣ ھندي بيت، ٦ سنڌي بيت ٻين شاعرن جا، ۽ سڀ ست بيت ھڪڙي قاضي قادن جا ڏنل آھن، جن مان معنوي لحاظ سان قاضي قادن جي معيار ۽ مقبوليت جو پتو پوي ٿو.

سنه ١٩٣٧ع ۾، مرحوم ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي ’بيان العارفين‘ جي مستند قلمي نسخن توڙي ڇپيل ترجمن کي سامھون رکي، نھايت محنت ۽ تحقيق سان ”شاھ ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام“ شايع ڪيو(١)، جنھنڪري شاھ ڪريم سان گڏ قاضي قادن جا ست بيت پڻ اصلي مأخذن مطابق، ڪافي صحيح صورت ۾ اسان جي آڏو اچي ويا آھن. اھي

---

(١) ڏسو تاريخ معصومي، فارسي متن ص ص ٢٠٠-٢٠٢؛ ۽ ڏسو تحفة الڪرام سنڌي ترجمو، ص ٣٥٣.

(٢) عمر بن محمد دائود پوٽو، ڊاڪٽر: ”شاھ ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام“، حيدرآباد مان ڇپيل ۽ بمبئي مان شايع ڪيل، سنه ١٣٥٦ھ/ ١٩٣٧ع.

هيٺيان بيت آهن، جي ڪتاب ”شاهه ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام“ جي متن مطابق (۾ صفحن جي اشاري سان) هت ڏجن ٿا:

١- ڪَنزُ، قَدُورِيُ، ڪافيا، ڪي ڪونهه پڙهيوم
سو پارُ ئي ٻيو ڪو(١)، جتان پرينءَ لڌوم.
(ص ٢٦)

---

٢- لوڪان نَحوُ صرفُ، مون(٢) مطالع سپرين
سوئي پڙهيو سو پڙهان، سوئي سو حرف.
(ص ٢٧)

---

٣- سپيئي سبلَ ٿيام، ٻڙهام جي پانءِ لَءِ(٣)
اکر اکيان ايري، واڪو ٿي وَرٿام(٤).
(ص ٢٨)

---

٤- سَچي منجهه هيام، مون وينئي واءِ ٿيا(٥)
هيڏان هوڏان هتڙا، هيڪين جاڙ وڏام(٦).
(ص ٣٦)

---

٥- سائر ڏيئي لَتَ، اوچي نيچي ٻوڙئي(٧)
هيڪائين(٨) هيڪُ ٿئو، ويئي سڀَ جِهتَ.
(ص ٨٨)

---

(١) ٻي پڙهٽي: سو پاڙهين ڪو ٻيو. (٢) ٻي پڙهٽي: من مطالع. (٣) ٻي پڙهٽي: جي پاٽان. (٤) ٻي پڙهٽي: وٿئام. (٥) ٻي پڙهٽي: مون اٿي وڻا اوڻيا. (٦) ٻي پڙهٽي: هٿهي، هنئڙي، چار. (٧) ٻي پڙهٽي: ٻوڙي. (٨) ٻي پڙهٽي: هيڪائي، هيڪاليءَ.

